REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 15 جنوري 2024ع بمطابق 03 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 230

عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ هڪ ٻيو ٺهراءُ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع

سخت سيءُ ۽ برفباري خيبرپختونخواهه جي شهرين کي سازگار ماحول ۾ ووٽ وجهڻ کان روڪي رهيو آهي. اميدوارن کي چونڊ مهم هلائڻ لاءِ تمام گهڻن چيلنجز کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي :هلال الرحمان

خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب اميدوارن تي دهشتگرد حملن جو امڪان آهي. صوبي جا ووٽرز ۽ اميدوار احساس محرومي جو شڪار آهن : ٺهراءُ

خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن جي تاريخ تي مختلف مونجهارا پيش اچي رهيا آهن ان ڪري عام چونڊن کي 8 فيبروري جي بجاءِ ڪنهن ٻئي نئين تاريخ تائين ملتوي ڪيو وڃي

جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد طرفان چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ جو ٺهراءُ به سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو آهي

ان کان اڳ به چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو هڪ ٺهراءُ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو هو جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد طرفان چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ جو ٺهراءُ به سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو هو

ڪي پي ۾ چونڊن جي تاريخ غير موزون ثابت ٿي رهي آهي، تنهن ڪري عام چونڊون 8 فيبروري بدران موزون تاريخ تائين ملتوي ڪيون وڃن:سينيٽر هلال الرحمان

اسلام آباد (م ڊ) 8 فيبروري تي شيڊول چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي لاءِ هڪ ٻيو ٺهراءُ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو آهي. عام چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ سينيٽر بلال الرحمان طرفان جمع ڪرايو ويو جيڪو فاٽا مان آزاد سينيٽر آهي. سينيٽر بلال الرحمان ٺهراءُ ۾ چيو آهي ته سخت سيءُ ۽ برفباري خيبرپختونخواهه جي شهرين کي سازگار ماحول ۾ ووٽ وجهڻ کان روڪي رهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

بيٽ جو نشان کسجڻ ڪانپوءِ تحريڪ انصاف اميدوارن کي الڳ الڳ چونڊ نشان ملي ويا

قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر وهيل چيئر جي نشان تي چونڊ وڙهندو. اليڪشن ڪميشن بئريسٽر گوهر کي چونڊ نشان چينڪ ڏئي ڇڏيو

صوابي مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 20 تان شهرام ترڪئي ۽ پي ڪي 49 تان رنگريز احمد کي فاختہ جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. پي ڪي 51 ۾ عبدالڪريم کي ڪٽلي نشان ڏنو ويو

پي ڪي 97 جي اميدوار خورشيد خٽڪ باجو نشان الاٽ ڪيو ويو، ملتان جي تڪ اين اي 150 تان شاهه محمود قريشي جي پٽ زين حسين قريشي کي چونڊ نشان جوتو ڏنو ويو

مظفرگڙهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 175 تان پي ٽي آءِ جي جمشيد دستي کي هارمونيم جو نشان ڏنو ويو آهي جڏهن ته اين اي 176 تان ڪيس هوائي جهاز جو چونڊ نشان الاٽ ڪيو ويو

اين اي 177 تان پي ٽي آءِ جي معظم خان جتوئي کي تڪ اين اي 178 تان پي ٽي آءِ جي داڻود خان جتوئي کي چين جو نشان ۽ اين اي 132 تان پي ٽي آءِ جي محمد حسين ڊوگر کي ڪرڪيٽ اسٽمپس جو نشان ڏنو ويو آهي

اين اي 108 تان پي ٽي آءِ جي صاحبزاده محبوب سلطان ۽ جهنگ مان اين اي 109 تي پي ٽي آءِ جي شيخ وقاص اڪرم جو چونڊ نشان ڪٽ هوندو

اسلام آباد (م ڊ) تحريڪ انصاف کان بيٽ جو نشان کسجڻ کان پوءِ اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن جي لاءِ پي ٽي آءِ اميدوارن کي الڳ الڳ چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا آهن. قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر وهيل چيئر جي نشان تي چونڊ وڙهندو. اليڪشن ڪميشن بئريسٽر گوهر کي چونڊ نشان چينڪ ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن موجب صوابي مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: سينيٽ اجلاس ڊيڪ (فائل فوٽو)

8 فيبروري تي عوام تير تي ٺپو هڻي پ پ پ جي اميدوار کي ڪامياب ڪندا: بلاول

اها جنگ اڄ کان شروع نه ٿي هئي پر اها جنگ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شروع ڪئي هئي: خورشيد شاهه

اجوڪو اجلاس ملڪي سياست ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو: سيد مراد علي شاهه

گمبٽ/ خيرپور/سکر (رپورٽرز) خيرپور پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به خيرپور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سمورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

بلاول ڀٽو جلسي کي خطاب ڪندي (فائل فوٽو)

پاڪ فوج بدحال علائقن ۾ بيلٽ پيپرز جي محفوظ ڇپر کي يقيني بڻائي رهي آهي: اليڪشن ڪميشن جو ترجمان

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي ترجمان چيو آهي ته پاڪ فوج بدحال علائقن ۾ ڊسٽرڪٽ آفيسرن جي لاڳاپيل آفيس تائين بيلٽ پيپر جي محفوظ ڇپر کي يقيني بڻائي رهي آهي. بيلٽ پيپرز جي روانگي بابت ڪجهه ميڊيا رپورٽن کي رد ڪندي اي سي پي جي ترجمان هڪ بيان ۾ هن ڳالهه تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

فاروق ستار پاران ليول پلينگ فيلڊ نه ملڻ جي شڪايت، مڪاني چونڊن ۾ڌاندلي ڪئي وئي هئي:فاروق ستار

ڪراچي (م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار شڪايت ڪئي آهي ته ليول پلينگ فيلڊ بلڪل ناهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

آزاد حيثيت سان چونڊ وڙهنداسين، عمران خان جي نالي تي ووٽ ملندو: پي ٽي آءِ

عدالتي فيصلي کان پوءِ پي ٽي آءِ جا اميدوار هاڻ آزاد اميدوار طور تي چونڊ ۾ حصو وٺندا. ان حوالي سان اڳ ئي حڪمت عملي تيار ڪري ورتي آهي :بئريسٽر گوهر

پي ٽي آءِ چونڊن ۾ زور شور سان حصو وٺندي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ به پارٽي رجسٽرڊ آهي ۽ عدالت اميدوارن کي چونڊ وڙهڻ کان نه روڪيو آهي

سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان تمام گهڻي مايوسي ٿي آهي، اسان کي انصاف جي اميد هئي ۽ خواهش هئي ته انصاف ٿيندي نظر اچي پر ائين نه ٿي سگهيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بيرسٽر گوهر چيو آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ اسان جا اميدوار آزاد حيثيت سان چونڊ وڙهندا. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ صحافين سان ڳالهيون ڪندي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بئريسٽر گوهر (فائل فوٽو)

پاڪستان حوثي حملن خلاف ٽاسڪ فورس 153 ۾ شامل ٿيڻ جي آمريڪي دعوت رد ڪري ڇڏي

پاڪستان نيوي جي جهازن جي عربي سمنڊ ۾ مقرري ٽاسڪ فورس 153 سان جوڙڻ ۾ حقيقت ناهي :ذريعا

پاڪستان نيوي جي جهازن جي مقرري کي حوثين خلاف آمريڪي ڪارروائي سان جوڙڻ پروپيگنڊا آهي

آمريڪا احمر سمنڊ ۾ حوثي حملن خلاف ٽاسڪ فورس 153 ٺاهڻ جو اعلان ڪيو هو پر پاڪستان ٽاسڪ فورس 153 ۾ شامل ٿيڻ جي آمريڪي دعوت رد ڪري ڇڏي هئي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان احمر سمنڊ ۾ حوثي حملن خلاف ٽاسڪ فورس 153 ۾ شامل ٿيڻ جي آمريڪي دعوت رد ڪري ڇڏي. سيڪيورٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: پاڪستان مسلم ليگ جو اڳواڻ چوڌري شجاعت سنڌ جي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

جنرل سيٽن تي عورت اميدوارن جي 5 سيڪڙو نمائندگي لازمي قرار

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جنرل سيٽن تي عورت اميدوارن جي 5 سيڪڙو نمائندگي لازمي قرار ڏئي ڇڏي. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پاڪستان جي عوام پاران غزا لاءِ امدادي سامان جي ٽيون کيپ اردن پهچي وئي

پاڪستان جي عوام پاران غزا جي مظلوم ماڻهن لاءِ طبي ۽ کاڌي جي شين جو کيپ اردن پهچي وئي

اردن ۾ پاڪستان جي سفير ۽ اردني چيف آف اسٽاف غزا جي متاثر ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ امدادي کيپ وصول ڪئي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي عوام پاران غزا جي مظلوم ماڻهن لاءِ طبي ۽ کاڌي پيتي جي شين تي ٻڌل 20 ٽن سامان جي ٽيون کيپ اردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

صحت جي وزارت اوٽيز بند هجڻ جو سبب فنڊن جي کوٽ قرار ڏئي ڇڏيو

اوٽي پاهران لڳل لسٽ بي بنياد آهي. پمز انتظاميا جو ان سان ڪو تعلق ناهي

اسلام آباد ۾ سڀ کان وڏي سرڪاري اسپتال پمز ۾ اوٽي بند هجڻ جو خبرون بي بنياد آهن

اسلام آباد (م ڊ) صحت واري وزارت اوٽيز بند هجڻ جو سبب فنڊن جي کوٽ کي قرار ڏئي ڇڏيو صحت جي وزارت جي ترجمان ٻڌايو ته پمز اسپتال فنڊن جي کوٽ شڪار آهي اي ڊي پمز مطابق اوٽي جي ٻاهران لسٽ ڪنهن ، ڪنهن مقصد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

پي ٽي آءِ سينيٽر فلڪ ناز چترالي کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪيو ويو

فلڪ ناز چترالي اڏام اي ڪي 615 جي ذريعي اسلام آباد ايئرپورٽ کان دبئي وڃي رهي هئي

سينيٽر فلڪ ناز چترالي جو نالو اسٽاپ لسٽ ۾ شامل هو جنهن جي ڪري ڪيس ايف آءِ اي اختيارين آف لوڊ ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر فلڪ ناز چترالي کي پرڏيهه وڃڻ کان روڪيو ويو آهي. فلڪ ناز چترالي اڏام اي ڪي 615 جي ذريعي اسلام آباد ايئرپورٽ کان دبئي وڃي رهي هئي ته ڪيس جهاز مان آف لوڊ ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

(ن) ليگ جا 38 ۽ تحريڪ انصاف جا 33 اميدوار پاڻ ۾ ويجها مائٽ نڪتا

ملتان مان اڳوڻي ايم اين اي مخدوم زين قريشي ۽ سندس ڀيڻ مهربانو قريشي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي

اٽڪ مان اڳوڻي ايم اين اي ميجر (ر) طاهر صادق، سندس ڌيءُ اڳوڻي ايم اين اي ايمان وسيم ۽ ڀنهي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي

لودهران مان اڳوڻي ايم اين اي پير اقبال شاهه کي قومي ۽ ان جي پٽ ايم پي اي عامر اقبال شاهه کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف کي جاري ڪيل چونڊ ٽڪيٽن جو تحقيقي جائزو وٺڻ سان خبر پئي ٿي ته 93 اهڙن اميدوارن کي ٽڪيٽ جاري ڪيا ويا آهن جيڪي رشتي ۾ پيءُ، پٽ، ڌيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ماما، ڀائيجا، چاچا، ڀائٽيا، سئوٽ ماسات آهن. ٻئي طرف مسلم ليگ (ن) به پنهنجي چونڊ ٽڪيٽن ۾ 38 ويجهن مائٽن کي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏيا هئا. تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

رياست وٽ پي آءِ اي هلائڻ جا پئسا ناهن، فواد حسن فواد

پي آءِ اي ۾ گورننس جو مسئلو آهي. پي آءِ اي 90 ارب روپين جو نقصان ڪيو آهي

ريلوي جي نجڪاري نه ٿيندي، رياستي اجاره داري ختم ڪرڻ لاءِ ريگيوليٽري فريم ورڪ هئڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) نجڪاري واري نگران وزير فواد حسين فواد چيو آهي ته رياست وٽ پي آءِ اي هلائڻ جا پئسا ناهن. پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته پي آءِ اي ۾ گورننس جو مسئلو آهي. پي آءِ اي 90 ارب روپين جو نقصان ڪيو آهي. رگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ٽي پيرا ناڪام رهندڙ شخص کي چوٿون ڀيرو ملڪ تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: بلاول

بلوچستان مان بيهي اسلام آباد کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته اسان ناڪام ترين شخص کي چوٿون ڀيرو ملڪ تي مسلط ٿيڻ نه ڏينداسين

پاڪستان جو عوام ان شخص کي پنهنجو حقيقي نمائندو نه ٿو مڃي، جنهن کي اوهان چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو

اسان 8 فيبروري تي پنهنجا حق چني عوامي حڪومت ٺاهينداسين. پاڪستاني عوام ڪنهن جو غلام ناهي:ڊيرا مراد جمالي ۾ خطاب

ڊيرا مراد جمالي (م ڊ) پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ٽي ڀيرا ناڪام رهندڙ شخص کي چوٿون ڀيرو ملڪ تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. پاڪستان جو عوام ان فيصلي کي نه ٿو مڃي. ڊيرا مراد جمالي ۾ جلسي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته بلوچستان مان بيهي اسلام آباد کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته اسان ناڪام ترين شخص کي چوٿون ڀيرو ملڪ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مولانا مسعود الرحمان قتل ڪيس، وفاقي پوليس جوابدارن جو پتو لڳائي ورتو

ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ 4 جوابدار ملوث نڪتا، جن جو تعلق هڪ مذهبي بندش پيل تنظيم سان ٻڌايو پيو وڃي

پوليس کي هڪ فوٽيج جي ذريعي جوابدارن جي سڃاڻپ ممڪن ٿي :خانگي ٽي وي

اسلام آباد (م ڊ) سني علماءِ ڪائونسل جي سينيئر اڳواڻ ۽ ڊپٽي جنرل سيڪريٽري مولانا مسعود الرحمان عثماني جي قتل ڪيس ۾ وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

هر عوام پاڪستان پارٽي چونڊ نشان بيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي درخواست

درخواست ۾ موقف ڏنو ويو ته سپريم ڪورٽ هاڻي پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي ڪيس اڪلائي ڇڏيو آهي

سپريم ڪورٽ جي فيصلي ڪان پوءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان هاڻي اسان کي بيٽ جو نشان الاٽ ڪري ڏي

درخواست ۾ بيان ڪيو ويو ته 28 ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن اسان کي خط لکيو ته بيٽ جو ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي

اسلام آباد (م ڊ) هر عوام پاڪستان پارٽي بيٽ جو نشان حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي. درخواست ۾ بيان ڪيو ويو ته 28 ڊسمبر تي اليڪشن ڪميشن اسان کي خط لکيو ته بيٽ جو ڪيس ٻڌڻي هيٺ آهي. درخواست ۾ موقف ڏنو ويو ته سپريم ڪورٽ هاڻي پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي ڪيس اڪلائي ڇڏيو آهي، جڏهن ته بيٽ جي نشان باب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نوابشاهه: آصف علي زرداري جي مقابلي ۾ جي ڊي اي سميت 2 اميدوار دستبردار

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خلاف مضبوط حريف جي ڊي اي جو سيد زاهد حسين شاهه مقابلي تان هٽ ڪئي ويو

آزاد اميدوار رياض حسين خاصخلي به نامزدگي ڪاغذ واپس وٺندي چونڊن تان هٽ ڪئي ويو

نوابشاهه (م ڊ) نوابشاهه جي تڪ اين اي 207 مان پيپلزپارٽي جي ڪوچيئرمين آصف علي زرداري جي مقابلي ۾ جي ڊي اي سميت 2 اميدوار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نگران صوبائي وزير يونس ڍاڳا پاران جي اعزاز ۾ منعقد ٿيندڙ تقريب ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت

ڪراچي (م ڊ) سنڌ جي روينيو، صنعتن ۽ واپار واري نگران وزير محمد يونس ڍاڳا سومر ڏينهن هڪ تقريب جو مهمان خاص هوندو. جنهن ۾ ٻنهي ٻيل علائقن سان تعلق رکندڙ سوين شاگردن کي سنڌن حال ۾ ٿي تعليمي ڪارڪردگي تي ايوارڊ ڏنا ويندا. هي تقريب سنڌ جي غريب خاندانن جي سوين ٻارن جي اعزاز ۾ منعقد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي هڪ سيمينار ۾ ڳالهائيندي

پي ٽي آءِ ۾ 2010 ڪانپوءِ اليڪشن نه سليڪشن ٿي، اهوئي فيصلو اڄ ٿو هو: پرويز خٽڪ

پي ٽي آءِ جي جعلي انٽرا پارٽي چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جو اهوئي فيصلو اڄ ٿو هو

هڪ پارٽي پنهنجي اندر جمهوريت پيدا نه ڪري سگهي ته ان مان جمهوريت جي ڪهڙي اميد هوندي

اسان جي پارٽي نئين آهي، سڄي صوبي ۾ چونڊ مهم هلائي رهيا آهيون، سڄي صوبي ۾ تقريبن 70 تڪن تان اميدوارن کي بيهاري رهيا آهيون

نوشهرا (م ڊ) تحريڪ انصاف پارليامينٽيرينز جي سربراهه پرويز خٽڪ چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي جعلي انٽرا پارٽي چونڊن بابت سپريم ڪورٽ جو اهوئي فيصلو اڄ ٿو هو نوشهرا ۾ گفتگو ڪندي پرويز خٽڪ چيو ته تحريڪ انصاف ۾ 2010ع / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نوشهرو: جي يو آءِ جي اڳواڻ مولانا فضل الرحمان پارٽي ۾ شموليت ڪندڙ کي ٽوپي پارائيندي

ن ليگ نواز شريف جي پيءُ کي گاريون ڏيندڙن کي ٽڪيٽون ڏنيون: چوڌري نثار

ٽيڪسلا (م ڊ) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير چوڌري نثار چيو آهي ته ن ليگ اهڙن اميدوارن کي ٽڪيٽون ڏنيون آهن، جيڪي نواز شريف جي پيءُ کي گاريون ڏيندا رهيا. واهه ڪينٽ ۾ جلسي کي خطاب ڪندي چوڌري نثار چيو ته مون لاءِ وڏو آسان آهي ته پارٽين تي تنقيد ڪيان، مون کي ڪيترن ئي دوستن چيو ته ٿوري جذباتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سال 2075ع تائين پاڪستان دنيا جي ڇهين معيشت بڻجڻ جي اڳڪٿي

بينڪنگ ۽ سيڪيورٽي فرم گولڊ مين سيڪس عالمي معيشت بابت اڳڪٿي ڪئي آهي

ڪراچي (م ڊ) نالي واري عالمي سيڙپڪاري بينڪنگ ۽ سيڪيورٽي فرم گولڊ مين سيڪس سال 2075ع تائين پاڪستان جي دنيا جي ڇهين معيشت بڻجڻ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

جوهي ۾ صحافي مٿان تشدد جي مذمت، ڏوهارين کي سزا ۽ صحافيءَ کي تحفظ ڏنو وڃي: ترجمان جماعت اسلامي سنڌ

ڪراچي (م ڊ) جماعت اسلامي سنڌ جي ترجمان مجاهد چنا دادو ضلعي جي ڪاڇي واري علائقي ۾ چونڊ مهم دوران ٻ پ جي اميدوار کان 15 سالن جي ڪارڪردگي پڇڻ تي حامين طرفان مقامي صحافي جي ايم لنڊ مٿان بدترين تشدد جي سخت مذمت، واقعي جي اڻڌري جاچ ۽ ملوث ڏوهارين کي قانون جي ٻڪڙ ۾ آڻي سزا ڏيڻ جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

دل سان چاهيو ٿي پي ٽي آءِ کي بيٽ جو نشان ملي، فيصلي تي خوش نه آهيان: ناصر حسين

بلاول ڀٽو ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ته سڀني کي ليول پليئنگ فيلڊ ملڻ گهرجي

ذاتي طور تي تحريڪ انصاف کان بيٽ جو نشان ڦرجڻ جي فيصلي تي خوش نه آهيان

پي ٽي آءِ کي گڏيل طور تي هڪ نشان ضرور ملڻ گهرجي ها. پيپلزپارٽي کان تلوار جو نشان ڦرجي ويو ته اسان کي تير جو نشان وٺڻو پيو

سکر (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي پي) جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزير ناصر حسين شاهه چيو آهي ته بلاول ڀٽو ڪيترائي ڀيرا چيو آهي ته سڀني کي ليول پليئنگ فيلڊ ملڻ گهرجي. نجي ٽي وي چينل سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته ذاتي طور تي تحريڪ انصاف کان بيٽ جو نشان ڦرجڻ جي فيصلي تي خوش نه آهيان. دل سان چاهيو ٿي ته پي ٽي آءِ کي بيٽ جو نشان ملڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ايل پي جي مافيا بي لغام: قيمتن ۾ هڪ ٿوڪيو اضافو ڪري ڇڏيو

اوگرا ايل پي جي جو اڳهه 256 روپيه مقرر ڪيو هو پر مارڪيٽ ۾ في ڪلو ايل پي جي 310 روپين کان وٺي 320 روپين ۾ وڪرو ڪئي پئي وڃي

گهريلو سلينڊر 3 هزار 26 روپين جي بجاءِ 3550 روپين کان وٺي 3570 روپين ۾ وڪرو ٿيڻ لڳو

اسان کي مهانگي ايل پي جي ملندي ته سستي ڪيئن وڪرو ڪنداسين (ڊيلر) اهو سڀ ڪجهه اوگرا ۽ سرڪاري ادارن جي ملي ڀڳت سان ٿي رهيو آهي :صارفين

لاهور (م ڊ) ايل پي جي مافيا بي لغام بڻجڻ کان پوءِ قيمتن ۾ 40 کان 60 روپيه في ڪلو گرام جي حساب سان هٿ ٺوڪيو اضافو ڪري ڇڏيو آهي. اوگرا ايل پي جي جو اڳهه 256 روپيه مقرر ڪيو هو پر مارڪيٽ ۾ في ڪلو ايل پي جي 310 روپين کان وٺي 320 روپين ۾ وڪرو ڪئي پئي وڃي. گهريلو سلينڊر 3 هزار 26 روپين جي بجاءِ 3550 روپين کان وٺي 3570 روپين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

تحريڪ انصاف قومي ڌارا مان ٻاهر اچي وئي آهي، اڳوڻو سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن

تحريڪ انصاف مجموعي طور تي هاڻي قومي ڌارا مان ٻاهر اچي وئي آهي

اهم ڳالهه اها آهي ته عورتن جي مخصوص سيٽون به هاڻي ختم ٿي ويون آهن

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن ڪنور دلشاد چيو آهي ته تحريڪ انصاف هاڻي قومي ڌارا کان ٻاهر اچي وئي آهي. هڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پي ٽي آءِ چيئرمين بيرسٽر گوهر جي گهر تي ڇاپي جو معاملو: ايس ايڇ او سميت 5 آفيسر معطل

گذريل ڏينهن بيرسٽر گوهر جي گهر مقامي پوليس جي وڃڻ تي جاچ شروع ڪئي وئي هئي :ترجمان

مقامي پوليس هڪ مخبر جي اطلاع تي اشتهاري جي ڳولا لاءِ ايف 7 پهتي جتي خبر پئي ته اهو گهر بيرسٽر گوهر جو آهي

بيرسٽر گوهر سپريم ڪورٽ ۾ پهنجي گهر پوليس وڃڻ جي شڪايت ڪئي هئي، جنهن تي چيف جسٽس پوليس آفيسر کي طلب ڪيو ۽ معاملي جي جاچ جو حڪم جاري ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر خان جي رهائشگاهه تي پوليس جي ڇاپي هڻڻ تي 5 آفيسرن خاص طور تي ايس ايڇ او مارگلا کي پنهنجي حڪم اچڻ تائين معطل ڪيو ويو آهي. اسلام آباد پوليس جي ترجمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ڪراچي: عام چونڊون 2024ع لاءِ چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا

ڪراچي ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن جي فائنل لسٽ جاري ڪئي وئي آهي

ايم ڪيو ايم پاڪستان کي لغڙ ۽ جماعت اسلامي کي ساهمي جو چونڊ نشان مليو آهي

ڪراچي (م ڊ) عام چونڊون 2024ع لاءِ ڪراچي جي تڪن تان حصو وٺندڙ اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا آهن. ڪراچي ۾ قومي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: شهري جي اغوا ۽ قتل جي الزام ۾ به پوليس اهلڪار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي منگهي پير ۾ شهري جي اغوا ۽ قتل جي الزام ۾ ٻن پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو ڊي آءِ جي سي آءِ اي موجب پوليس اهلڪارن ٻين ساٿين سان گڏ منگهي پير مان شهري کي اغوا ڪيو هو جنهن جو لاش بعد ۾ جمعي تي منگهي پير مان شهري جو لاش مليو هو، جنهن جي سڃاڻپ نظام/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لاهور: پنجاب جو نگران وڏو وزير پريس ڪلب جي سيڪريٽري کي گرانٽ چيڪ ڏيندي

لال حويلي تان عمران خان جون تصويرون ۽ پي ٽي آءِ جا جهنڊا لاٿا ويا

پي ٽي آءِ شيخ رشيد سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ کان انڪار ڪندي ان جي مقابلي ۾ پنهنجا 2 اميدوارن ميدان ۾ لاٿا

شيخ رشيد جي خلاف باقاعده اميدوار لاهڻ جي اعلان کان پوءِ لال حويلي تان عمران خان جي تصويرن سان گڏ پي ٽي آءِ جا جهنڊا به لاٿا ويا

شيخ رشيد جي رهائشگاهه ٻاهران ڏاڪڻ ۽ ڪانفرنس روم ۾ عمران خان جي اڪيلي سر ۽ شيخ رشيد سان گڏ نڪتل ڪيترين ئي تصويرون لڳل هيون

راولپنڊي (م ڊ) عام چونڊون 2024 ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان اڳوڻي گهرو وزير شيخ رشيد احمد جي خلاف اميدوار لاهڻ کان پوءِ لال حويلي تان عمران خان جون تصويرون هٽايون ويون آهن. پي ٽي آءِ قومي اسيمبلي جي راولپنڊي شهر جي ٻنهي تڪن اين اي 56 ۽ 57 تان عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد سان سيٽ ايڊجسٽمينٽ کان انڪار ڪندي ان جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لاهور: شهري لنڊا بازار مان خريداري ڪري رهيا آهن

ن ليگ قائد ۽ پي ٽي آءِ باني جنهن لاءِ چوندا، ماڻهو ان کي ووٽ ڏيندا: مفتاح اسماعيل

لاهور (م ڊ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته ن ليگ قائد ۽ پي ٽي آءِ باني جنهن لاءِ چوندا، ماڻهو ان کي ووٽ ڏيندا. لاهور جي الحمرا هال ۾ صحافين سان ڳالهائيندي مفتاح اسماعيل چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف کان بيٽ کسڻ مناسب ناهي. 2018 ۾ پي ٽي آءِ باني تي اسٽيبلشمينٽ جو هٿ هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: سي پي او لاهور جي اڳواڻ ۾ ڪارڪردگي جائزي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

نگران وزيراعظم ورلڊ اڪنامڪ فورم سالياني اجلاس ۾ شرڪت لاءِ سوئيزرلينڊ جو دورو ڪندو

نگران وزيراعظم ورلڊ اڪنامڪ فورم جي ٽريڊ ٽيڪ ٽريلين ڊالر پرامس جي عنوان تي خاص خطاب ڪندو

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ورلڊ اڪنامڪ فورم جي 54هين سالياني اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اڄ سومر 15 کان 19 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پيٽرول جي قيمت ۾ 5 رپيا في لٽر ڪان وڌيڪ گهٽتائي جو امڪان

پيٽرول جي قيمت ۾ 5 رپيا في لٽر لاٿ ٿي سگهي ٿي، گاسليٽ جي اگهن ۾ 3 رپيا 29 پئسا ۽ لائٽ ڊيزل جي قيمت ۾ هڪ رپيو 75 پئسا في لٽر جو امڪان آهي

ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان نه آهي، تيل جي قيمتن ۾ لاٿ کان پوءِ پيٽرول جي قيمت 276 رپيا 21 پئسن مان گهٽجي 267 رپيا 34 پئسا في لٽر ٿي ويندي

گاسليٽ جي قيمت 188 رپيا 83 پئسا گهٽجي 185 رپيا 54 پئسا في لٽر ٿي ويندي، لائٽ ڊيزل 165 رپيا 75 پئسن مان گهٽجي 164 رپيا في لٽر ٿي ويندي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي حڪومت طرفان جنوري جي باقي 15 ڏينهن لاءِ تيل جي قيمتن ۾ لاٿ جو امڪان. اعلان سياڻي ڪيو ويندو. اوگرا ان سلسلي ۾ لاڳت تيار ڪري ورتي ذريعن جو چوڻ آهي ته پيٽرول جي قيمت ۾ 5 رپيا في لٽر لاٿ ٿي سگهي ٿي، گاسليٽ جي اگهن ۾ 3 رپيا 29 پئسا ۽ لائٽ ڊيزل جي قيمت ۾ هڪ رپيو 75 پئسا في لٽر جو امڪان آهي ذريعن موجب ڊيزل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

مورو ۾ راشد مورائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مورو ٽائون ڪئمپس ۾ پهرين ڳڌجاڻي

صدارت سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي ميمبر ۽ اديب شاعر ليڪڪ خادم بالادي ڪئي

ثابت علي شاه، سيد ياسين شاه لطيفي، فقير عزيز احمد سابقي، خادم حسين لانگاهه شريڪ ٿيا

منظور علي شاه "منظور"، بالا بلوچ، نظير احمد ميمڻ، دين محمد سيتائي، خالد ساحل ڪيريو شريڪ ٿيا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مورو ۾ راشد مورائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مورو ٽائون ڪئمپس ۾ 2024، جي پهرين ڳڌجاڻي ٿي گڏري. جنهن جي صدارت سنڌي ادبي سنگت شاخ موري جي ميمبر ۽ اديب شاعر ليڪڪ خادم بالادي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

مورو: راشد مورائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مورو ٽائون ڪئمپس ۾ پهرين ڳڌجاڻي ڪانفرنس گروپ فوٽو

بگهاڻ پوليس جي حد جنگيسر ۾ ملاح برادرين جي ٻن ڌرين ٽانديا ۽ گجرا ملاحن ۾ جهيڙو

ڌرين ۾ جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ ڪري رحمت الله ٽانديو موقعي تي مارجي ويو

گوليون لڳڻ ڪري رحمت الله ٽانديو موقعي تي مارجي ويو، روشن ٽانديو ۽ ٻه عورتون زخمي ٿيون

لاش ۽ ٽنهي زخمين روشن ٽانديو، سندس امڙ آمنه ۽ ڀيڻ فهميد کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٺٽو (ن ر) بگهاڻ پوليس جي حد جنگيسر ۾ ملاح برادرين جي ٻن ڌرين ٽانديا ۽ گجرا ملاحن ۾ ڪنهن ڳالهه تان جهيڙو ٿيڻ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ ڪري رحمت الله ٽانديو موقعي تي مارجي ويو. جڏهن ته مقتول جو پيءُ روشن ٽانديو سميت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٺٽو: بگهاڻ پوليس جي حد جنگيسر ۾ ملاح برادرين جي ٻن ڌرين ٽانديا ۽ گجرا ملاحن ۾ جهيڙو، زخمي اسپتال داخل آهي

خيرپور ناٿن شاه شهباز ڪالوني جو رهواسي

استاد سائين محمد عظيم ٻگهيو جي گهر مان

نامعلوم چور ٻيو پيرو چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب

خيرپور ناٿن شاه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاه شهباز ڪالوني جو رهواسي استاد سائين محمد عظيم ٻگهيو جي گهر مان نامعلوم چور ٻيو پيرو چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب، پوليس پاران ڪاروائي نه ڪئي وئي. تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاه شهباز ڪالوني جو رهواسي استاد سائين محمد عظيم ٻگهيو جي گهر مان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شڪارپور اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ پ پ اميدوارن جون سرگرميون زور شور سان جاري

شهريار خان مهر ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف پولنگ اسٽيشنن جي ڳوٺن جا طوفاني دورا جاري

ٽڪا خان، گل حسن ۽ غلام محمد چڪڙ، ڳوٺ بلوچ گوپانگ ۾ محمد عظيم گوپانگ سان ملاقاتون

غلام علي خان ڪٿووٽ پهتا جتي سردار غلام علي خان ڪٿو اليڪشن ۾ ڀرپور مدد ۽ ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ پيپلز پارٽي اميدوارن جون سرگرميون زور شور سان جاري آهن. حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پي ايس ست جي پيپلزپارٽي نامزد اميدوار امتياز احمد شيخ ۽ اين اي 193 شهريار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جماعت اسلامي پاران نامزد ڪيل اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون

طوفاني دورا شروع ڪري ڇڏيا مختلف برادرين پاران مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائي وئي

امتياز پالاري ڳوٺ خميسون سمون، ڳوٺ اسماعيل اگهيم ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڪارنر ڳڌجاڻيون ڪيون

عوام جماعت اسلامي جي اميدوارن جا هٿ مضبوط ڪري انهن کي ووٽ جي طاقت سان ڪامياب ڪري

ٺٽو (ن ر) جماعت اسلامي پاران نامزد ڪيل اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار ڊاڪٽر امتياز پالاري پاران پنهنجي تڪ ضلعي ٺٽي ۾ سرگرميون شروع ڪندي ٺٽي جا طوفاني دورا شروع ڪري ڇڏيا آهن. جتي مختلف برادرين پاران کيس مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائي وئي آهي. جماعت اسلامي جي اميدوار ڊاڪٽر امتياز پالاري پاران ڳوٺ خميسون سمون، ڳوٺ اسماعيل اگهيم ۽ ٻين ڳوٺن ۾ ڪارنر ڳڌجاڻيون ڪندي ڊاڪٽر امتياز پالاري چيو ته عوامي مسئلن جو حل صرف جماعت اسلامي وٽ آهي. جيڪا ڪرپشن کان پاڪ آهي. عوام جماعت اسلامي جي اميدوارن جا هٿ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

جماعت اسلامي پاران نامزد ڪيل اين اي 225 ٺٽو جي اميدوار سرگرميون شروع ڪري ڇڏيون

اينٽي ريپ ڪرائيس سيل غير فعال، ضلعي هيڊڪوارٽر ۽ تعلقي اسپتالن ۾ سينٽر قائم نه ٿيا

اسيسمينٽ ڪٽ ۽ ٻين معاملن بابت ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس کان رپورٽ طلب ڪئي هئي

قانون جوڙي جوابدارن کي عدالتن مان قانون موجب سزا ڏيارڻ جو ايڪٽ منظور ڪري نافذ ڪيو ويو

بلڊنگ ڪيپيسٽي، ايم ايل او يا ڊبليو ايم ايل او بابت رپورٽ ڏيڻ جي سختي سان هدايت ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ صوبي ۾ اينٽي ريپ ڪرائيس سيل غير فعال، ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتالن ۽ تعلقي اسپتالن ۾ سينٽر قائم نه ڪيا ويا. آگسٽ 2023ع ۾ سيڪريٽري صحت سينٽرن جي قائم ڪرڻ لاءِ انفراسٽرڪچر، آءِ ٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلن مان ناياب وڻن جي نسل ڪشي بند نه ٿي، احتجاجي مظاهرو

اربين روپين جا ٻيلا پوڻن ۾ تبديل، مختلف سڄاڻ ڌرين طرفان ٻيلن جي واڍي خلاف احتجاج

پرچي وڪرو ٿيڻ لاءِ ميرپوربٺورو، دڙو ۽ ٻين شهرن جي آرامشينن توڙي ڪاٺ جي ڊيپو تي وڃڻ لڳو

ڪاٺ مان تيار ڪوئلو ٽرڪن ۽ مزدا گاڏين ۾ ڀري وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪراچي موڪلي وڃي ٿو: ذريعن جي دعوي

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلن مان ناياب وڻن جي نسل ڪشي بند نه ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهارو ۾ قبضا مافيا طرفان

ڳوٺاڻن تي فائرنگ ڪري هراسان

ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

گهارو (رپورٽ) قبضا مافيا طرفان هڪ دفعو ٻيهر ڳوٺاڻن تي فائرنگ ڪري هراسان ڪرڻ خلاف گهارو پريس ڪلب تي احتجاج، اعلي اختيارين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پ پ مان عوام تنگ ٿي چڪو آهي پ پ پ ٿرپارڪر ۾ ڌانڌلي ذريعي کٽيو آهي: حاجي زاهد نون

اينڊز اليڪشن صاف ۽ شفاف ٿيندي انتظاميه ونگار نه وهندي، مقامي انتظاميه نيوٽرل نظر اچي پئي

بلدياتي اليڪشن ۾ عوام نه اسان کي ووٽ ڪيو پر اهو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو هن دفعي ائين ڪرڻ نه ڏيو

ڪوڙو پيپر عوام ۾ ورهائي ٿرپارڪر ۾ هندو مسلم تضاد ڪي هٿي ڏيئي اليڪشن کٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ) پ پ پ مان عوام تنگ ٿي چڪو آهي پ پ پ هميشه ٿرپارڪر ۾ ڌانڌلي ذريعي اليڪشن کٽي آهي اسان کي اميد آهي اينڊز اليڪشن صاف ۽ شفاف ٿيندي انتظاميه ونگار نه وهندي اهڙن خيالن جو اظهار جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مٽياري ۾ يوٿ ڪاميٽي پاران شهر ۽ ڀرپاسي ۾ گيس جي هڙتال ۽ بندش خلاف احتجاج

هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي شهر ۾ ريلي ڪڍي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪامريڊ نبي بخش مستوئي، عاقب چانڊيو ۽ شهباز مستوئي ۽ ٻين پاران مظاهرو ڪيو ويو

واڌو بل ختم ڪري ۽ گڏو گڏ گيس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياري ۾ يوٿ ڪاميٽي پاران مٽياري شهر ۽ ڀرپاسي ۾ گيس جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

مٽياري جي تڪ پي ايس 57 تي

بيٺل اميدوار مخدوم فخرالزمان

پاران ريلي ڪڍي وئي

مٽياري (رپورٽر) مٽياري جي تڪ پي ايس 57 تي بيٺل پاڪستان پيپلز پارٽي جو اميدوار مخدوم فخرالزمان يوسي کنڊو شهر جي مختلف ڳوٺن ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

مٽياري ۾ يوٿ ڪاميٽي پاران شهر ۽ ڀرپاسي ۾ گيس جي هڙتال ۽ بندش خلاف احتجاج ڪيو ويو

خانپور مهر لڳ باه لڳڻ

سبب پورهيتن جا 5 گهر

سڙي رک ٿي ويا

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر لڳ باه لڳڻ سبب پورهيتن جا 5 گهر سڙي رک ٿي ويا، متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن مدد جي اپيل خانپور مهر لڳ ڳوٺ علي مهر ويجهو قاضي واه تي ويٺل پورهيتن جي گهرن کي اچانڪ باه لڳڻ سبب شير علي ابڙو، شهزادو ابڙو، اڪبر علي ابڙو جا 5 گهر ۽ گهرن ۾ پيل سامان، هنڌ بسترا، اناج ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي سال 2024 لاءِ چونڊ ٿي گذري، عهديدار چونڊيا ويا

صدر مولابخش، جنرل سيڪريٽري مشاهد نهڙيو، فنانس سيڪريٽري پيار علي نهڙيو چونڊيا ويا

آسن داس ميگهواڙ، آفتاب ميمڻ، عبدالرزاق نهڙيو، مريد ساهڙ، نور محمد ڪوڪر کي چونڊيو ويو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي سال 2024 لاءِ چونڊ ٿي گذري. جنهن ۾ صدر مولابخش جسڪاڻي، جنرل سيڪريٽري مشاهد نهڙيو، فنانس سيڪريٽري پيارعلي نهڙيو، نائب صدر شنقت قائمخاني، اطلاعات سيڪريٽري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ موسي چانگ ۾ شادي نه ڪرائڻ تان جوڙي انت آندو

18 ورهين جي ڪلثوم ۽ 20 ورهين جي عرس چانگ پسند جي شادي تان آپگهات ڪيو

اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وڃي مان تنگيل لاش لاهي تحويل ۾ ورتا

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ موسي چانگ ۾ شادي نه ڪرائڻ تان جوڙي مبينا طور قاهو ڪائي آپگهات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪوهستاني پٽي ۾ ٽرائيڪوم ونڊ انرجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن پاران احتجاج

جنگشاهي ۾ قائم سيني ونڊ ڪمپنين ۾ ملازمن کي ساليانو بونس ڏنو وڃي ٿو: مظاهرين

انصاف ڪري سنڌن ٻگهارون وڌائي ڪين ساليانی بونس ڏيئي پريشاني کان بچايو وڃي: مطالبو

ٺٽو (ن ر) جهمپير لڳ ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽرائيڪوم ونڊ انرجي ڪمپني ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن کي ساليانو بونس نه ملڻ خلاف ڪيترن ئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نئون ڪوٽ پرسان فائرنگ دوران مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور سخت زخمي

ڪيل هوائي فائرنگ دوران اچانڪ مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور زخمي ٿي پيو

نئون ڪوٽ صحت مرڪز آندو جتان ڊاڪٽرن ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان جڄ ۾ خوشي ۾ ڪيل فائرنگ دوران مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور سخت زخمي، حيدرآباد اسپتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نئون ڪوٽ پرسان فائرنگ دوران مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور سخت زخمي yepeo

بلاول ڀٽو ۽ فريال ٽالپر سميت پ پ جي مرڪزي قيادت جا ٿورائتا آهيون: زاهد شاه بخاري

اويس قادر شاه کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ چونڊ مهم هلائي اڪثريت سان ڪامياب ڪرائينداسين

ووٽ جي طاقت سان پ پ حڪومت ناهيندي ملڪ جو نئون وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) سکر هائوس پ پ اڳواڻ سيد زاهد شاه بخاري چيو آهي ته اڳوڻي صدر پاڪستان آصف علي زرداري پ پ چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو باگو لڳ سانگي ڦرهو ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي سهڪار سان احتجاجي مظاهرو

پرشوتم ڪولهي، نياز محمد رند، اياز ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بااثر 10 ڳوٺاڻن کي لڏائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن اسين سالن کان هن زمين تي ويٺل آهيون

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊو باگو لڳ سانگي ڦرهو ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي سهڪار سان سوين ڳوٺاڻن پاران اميد علي رند،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

الخدمت فائونڊيشن ضلعي گهوٽڪي پاران ڏهرڪي ۾ مستحق ماڻهن لاءِ پروگرام

معزز مهمانن ۾ امير جماعت اسلامي گهوٽڪي مفتي محمد يوسف مزاري ۽ ٻين پاران شرڪت

تشڪيل احمد صديقي، صدر الخدمت فائونڊيشن ضلع گهوٽڪي ساجد علي ڊايو پروگرام مئنيجر شريڪ

ڏهرڪي (رپورٽ لاڇند موٽواڻي) الخدمت فائونڊيشن ضلعي گهوٽڪي پاران اڄ ڏهرڪي ۾ معذور مستحق ماڻهن لاءِ پروگرام منعقد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

مکلي ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان هيلٿ ڪيئر سينٽر ايوب ڳوٺ ۾ مفت طبي ڪئمپ

آس پاس جي ڳوٺن کان آيل مريض مرد، عورتن ۽ ٻارن جي چڪاس ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون

شبير احمد ڀٽو اعجاز ڪنڀار، آفتاب احمد گوپانگ، تاج الدين، سهراب سومرو ۽ ٻين پاران شرڪت ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر ڀنهور) مکلي ويلفيئر آرگنائيزيشن طرفان هيلٿ ڪيئر سينٽر ايوب ڳوٺ ۾ هڪ ڏينهن جي مفت طبي ڪئمپ ڪوٺائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

راڻيپور لڳ ڳوٺ پارو خان راڄپر بنيادي سهولتن کان محروم، نمائيندي نوٽيس نه ورتو

ڳوٺ پارو خان راڄپر جو روڊ تباهي جو شڪار ڳوٺاڻن کي سفر دوران وڏي تڪليف درپيش

ڳوٺ جي رهواسين صداقت راڄپر، محمد حسن راڄپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور لڳ ڳوٺ پارو خان راڄپر بنيادي سهولتن کان محروم ڳوٺ طرف اينڊز روڊ تباهه ٿي ويو ڪنهن به چونڊيل نمائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ نوشهرو فيروز جي صدر پاران سرهل هائوس تي هڪ اهم اجلاس

نوشهرو فيروز آمد رٿيل جلسي جي حوالي سان سرهل هائوس تي هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو

پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي هميشا عوامي طاقت سان اقتدار ۾ آئي آهي: فاطمه شهناز انصاري

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڀرپاسي پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي نوشهروفيروز جي صدر ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دڙي ۾ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسپال دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

پرنسپال ويرجي مل مهيشوري دل جو دورو پوڻ سبب 56 ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪري ويو

ويرجي مل مهيشوري کي اوچتو دل ۾ تڪليف ٿي ڪيس طبي امداد لاءِ رورل هيلٿ سينٽر دڙو آندو ويو

دڙو (ن سنڌيار) دڙي ۾ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسپال دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو. تفصيل موجب دڙي ۾ گورنمينٽ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسپال ويرجي مل مهيشوري دل جو دورو پوڻ سبب 56 ورهين جي ڄمار ۾ ديهانت ڪري ويو ويرجي مل مهيشوري کي اوچتو دل ۾ تڪليف ٿي ڪيس طبي امداد لاءِ رورل هيلٿ سينٽر دڙو آندو ويو جتي هو فوت ٿي ويو سندس آخري رسمون ادا ڪرڻ بعد ڪيس مسان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو سندس آخري رسمن ۾ استادن، شهرين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

دڙي ۾ بوائز هاير سيڪنڊري اسڪول جو پرنسپال دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو، حياتي ۾ جي تصوير

نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري، شهرين پاران مظاهرو

محمد يونس راڄپر، ايم ظفر ٽگڙ، منصور ميمڻ، مولابخش مشوري جي اڳواڻي ۾ ريلي

ايس ايڇ او خالق شاه شهر ۽ آس پاس ۾ چورين ۽ ڦرون ڪرائي رهيو آهي: مظاهرين جو الزام

شهر ۾ ڪافي دڪانن جا تالا ٽوڙي چوريون ڪيون ويون آهن ۽ ايس ايس پي ناڪام ٿي آهي

نوشهرو فيروز (ن ر) نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري رهيو ۽ 25 جنوري تي وزيراعلاهاؤس آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کان پوءِ ڪئمپ تي ڳالهائيندي محمد يونس راڄپر، ايم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري، شهرين پاران مظاهرو keooeo

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي امڪاني نيلامي

خلاف عوامي تحريڪ پاران احتجاجي بڪ

هڙتال ڪئمپ لڳائي وئي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:) ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي امڪاني نيلامي خلاف عوامي تحريڪ پاران احتجاجي بک هڙتال ڪئمپ لڳائي وئي. عورتون ۽ ٻار به شريڪ. تفصيل موجب ننگرپارڪر شهر ۾ عوامي تحريڪ پاران احتجاجي بک هڙتال ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ عوامي تحريڪ اڳواڻن، ڪارونجهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ملڪ اندر پيرا شوٽ ذريعي هڪ پارٽي کي متعارف ڪرايو ويو: راشد محمود سومرو

عوام جي ووٽ جو حق کڏهن تسليم ڪيو ويو، عوام جو مئنڊيٽ هميشه چورايو ويو آهي

ٽن صوبن کان پاڻي نيڪال ڪيو ويو پر هڪ مهيني تائين پاڻي بيهاري سنڌ جي تباهي ڪئي وئي

پي ٽي آءِ جو ڪوئي مستقبل ڪونهي، ملڪ دشمن پارٽي جي ملڪ اندر ڪا به جڳهه ڪونهي: ڳالهيون

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) جي يو آءِ اڳواڻن مولانا راشد محمود سومرو، ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي، آغا تيمور خان پٺاڻ، رشدالله شاه امروٽي، مولانا سراج الدين امروٽي شڪارپور پريس ڪلب پهچي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند پرسان پاڻي جي واري تان جوکياڻي ڪوسن ۾ جهيڙو، ڪهاڙين ۽ لٺين جو استعمال، 10 زخمي

مانجهند پرسان ڳوٺ پورو جوکياڻي ۾ پاڻي جي واري تان جوکياڻي ڪوسن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

ڌرين طرفان هڪ ٻئي مٿان ڪهاڙين ۽ ڏنڊن جو آزادانا استعمال ڪيو ويو، علائقو ميدان جنگ بڻيل رهيو

پوليس جي گهٽ نفري پهچڻ سبب ڪنٽرول نه ڪرڻ سبب هڪ دفعو ٻيهر زخمين جي حامين ۾ جهيڙو ٿي پيو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان ڳوٺ ۾ پاڻي جي واري تان جوکياڻي ڪوسن ۾ جهيڙو ڪهاڙين ۽ لٺين جو استعمال 10 ڄڻا زخمي اسپتال ۾ ٻيهر جهيڙو عملي ۾ پاڄ پوليس خاموش تماشائي بڻيل. تفصيل موجب مانجهند پرسان ڳوٺ پورو جوکياڻي ۾ پاڻي جي واري تان جوکياڻي ڪوسن جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڌرين طرفان هڪ ٻئي مٿان ڪهاڙين ۽ ڏنڊن جو آزادانا استعمال ڪيو ويو جنهن سبب هڪ ڪلاڪ تائين علائقو ميدان جنگ بڻيل رهيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين جا 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ هڪ ڌر جو امام بخش ڪوسو محمد ڪوسو طالب ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٿرپارڪر جي قومي اسيمبلي واري تڪ اين اي 215 جي آزاد اميدوار پاران ڳوٺاڻن سان ملاقاتون

انتخابي نشان مور مور پکي ۽ آزاد حيثيت ۾ بيهڻ جي مبارڪباد ڏيندي حمايت جو اعلان ڪيو

هيلاريو، ڊاپو ڀيل، منجي ڏاٽي، ويري جي ڏاٽي، روهيڙو، ڪونبي جي ڏاٽي، آنبي جي ڏاٽي ۾ دورا

مور پکي تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا ۽ آئون عوام جي ووٽ جي بدلي اميدن تي پورو لهندس: ڳالهيون

مٺي (رپورٽ صادق بجير) ٿرپارڪر جي قومي اسيمبلي واري تڪ اين اي 215 جي آزاد اميدوار وڪيل محمد ميٺن بجير سان تڪ جي مختلف ڳوٺن جي ڀيل برادري بجير هائوس تي پهچي مليل انتخابي نشان مور پکي ۽ آزاد حيثيت ۾ بيهڻ جي مبارڪباد ڏيندي ڪيس حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته اين اي 215 جي مختلف ڳوٺن ڪوروڙو، هيلاريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪلڻ ۾ جنرل اليڪشن حوالي سان مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار بيهاري ڇڏيا

پي ايس 71 تي پ پ طرفان حاجي تاج محمد ملاح جي ڊي اي طرفان محمد حسام مرزا نامزد

ڪلڻ شهر ۽ ڀرپاسي وارين يوسين ۾ ڪنهن ب سياسي پارٽي جو اميدوار ميدان ۾ ن لٿو آهي: ذريعا

لهي ويا آهيون ۽ عوام موٽ ڏئي رهي آهي ۽ ڪئمپ قائم ڪئي ويندي جتي عوام جا ميڙا نظر ايندا

ڪلڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) جنرل اليڪشن حوالي سان مختلف سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار بيهاري ڇڏيا ضلعي بدين جي تعلقي بدين جي پي ايس 71 تي پ پ طرفان حاجي تاج محمد ملاح جي ڊي اي طرفان محمد حسام مرزا تحريڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪشمور جي مختلف شهرن مان مبينه اغوا ٿيل 15 کان وڌيڪ ماڻهو ڌوهارين جي قيد ۾، وارث پريشان

ماڻهو ڌوهارين جي قيد ۾ هجڻ سبب علائقي جو عوام بدستور خوف واري زندگي گهارڻ تي مجبور

ٽرڪ ڊرائيورن ۽ ڪلينرن هرهڪ محمد عرفان، شاهد، محمدالله، اڪرم، لياقت علي، غلام قادر بازياب نه ٿيا

آپريشن ۾ جو ڪو خاطر خواه نتيجو سامهون نه اچڻ سبب ضلعي جو عوام خوف واري زندگي گهارڻ تي مجبور ٿيل آهي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ضلعي ڪشمور ۾ ڌوهارين جي رٽ برقرار ضلعي جي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٿرپارڪر جي قومي اسيمبلي واري

تڪ اين اي 215 جي آزاد اميدوار

پاران ڳوٺاڻن سان ملاقاتون

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر جي قومي اسيمبلي واري تڪ اين اي 215 جي آزاد اميدوار وڪيل محمد ميٺن بجير سان تڪ جي مختلف ڳوٺن جي ڀيل برادري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميرپورماٿيلو ۾ زرعي پاڻ جي ڪوٽ جيئن جو تيئن برقرار، هاري ۽ آبادگار سخت پريشان

زرعي پاڻ جي 34 سئو روپين واري ٻوري 55 سئو ۾ وڪرو آبادگارن جو ڪارخاني مالڪن خلاف احتجاج

واپاري 34 سئو واري يوريا پاڻ جي ٻوري 55 سئو ۾ ڏئي آبادگارن ۽ هارين کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن: الزام

سرڪاري اگهه تي پاڻ ڏنو ويو ته اسين گهوٽڪي انتظاميا ۽ ڊيلر مافيا خلاف سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪنداسين

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ۾ زرعي پاڻ جي ڪوٽ جيئن جو تيئن برقرار هاري ۽ آبادگار سخت پريشان زرعي پاڻ جي 34 سئو روپين واري ٻوري 55 سئو ۾ وڪرو آبادگارن جو ڪارخاني مالڪن، ڊيلرن ۽ گهوٽڪي جي انتظاميا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڀرپاسي پرسان ڳوٺ جلباڻي ۾ پ پ اڳواڻ ذوالفقار جلباڻي پاران معززين جو اهم اجلاس

يوسي درياخان جلباڻي جي پ پ ڪارڪنن ۽ معززين جو اهم اجلاس ڪوٺايو ويو

ابرار علي شاه کي 8 فيبروري تي تير تي ٺپو هڻي ڀاري اڪثريت سان ڪامياب ڪنداسين: اڳواڻ

ڀرپاسي: ڳوٺ جلباڻي ۾ پ پ اڳواڻ ذوالفقار جلباڻي پاران معززين جو اهم اجلاس ٿي گذريو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڀرپاسي پرسان ڳوٺ جلباڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ حاجي ذوالفقار جلباڻي ڊاڪٽر نوراحمد جلباڻي جي رهائش گاه تي يوسي درياخان جلباڻي ج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻي جي اڳوڻي ايم پي

اي ۽ جي ڊي اي اڳواڻ معظم

علي عباسي پاران دورا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي شهر جي اڳوڻي ايم پي اي ۽ جي ڊي اي اڳواڻ معظم علي عباسي يوتين ڪائونسل لنڊ ڳوٺ ڪيڏڪر جو دورو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

لاڙڪاڻي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ شهر جي معظم ڪالوني ۾ گهر ۾ لڳل ڌاڙي خلاف احتجاجي مظاهرو

مبينا طور گهر ۾ لڳل ڌاڙي ۾ سونا زيور، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس نه ٿيڻ احتجاج ڪيو ويو، نعريبازي

ويڪسينيٽر حاڪم علي لانگاهه پنهنجي پٽن فهد علي، خالد حسين، ڀاءُ منظور علي لانگاهه مظاهرو ڪيو

نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي 15 تولا سونا زيور، ڏيڍ لک روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا: الزام

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ شهر جي معظم ڪالوني ۾ مبينا طور گهر ۾ لڳل ڌاڙي ۾ سونا زيور، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس نه ٿيڻ خلاف لانگاهه برادري طرفان پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 15 جنوري 2024ع

چونڊن جي حوالي سان غيريقيني پيدا ڪرڻ جون ڪوششون

ملڪ ۾ عام چونڊن کي مختلف حيلن ۽ بهانن سان غيريقيني جي ور چاڙهيو پيو وڃي. ڪيترين ئي ڌرين عام چونڊن کان هر صورت ۾ فرار حاصل ڪرڻ چاهين ٿيون. ان ڪري اهي مختلف اٽڪلن کان ڪم وٺي چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. هن کان اڳ ۾ چونڊن جي حوالي سان افواهه انڊسٽري کي سرگرم ڪري غيريقيني جو ڌنڌ ۽ ڪوهيڙو پيدا ڪيو ويو هو پر سپريم ڪورٽ آف پاڪستان هر صورت ۾ چونڊون 8 فيبروري تي ڪرائڻ واري حڪم ذريعي ان افواهن جي طوفان جو خاتمو آندو هو ۽ اميد پيدا ٿي هئي ته جمهوريت جي گاڏي پٽڙيءَ تان نه لهندي. سپريم ڪورٽ جي واضح حڪمن ڪانپوءِ اليڪشن ڪميشن چونڊن جو شيڊيول جاري ڪري گهربل مشق شروع ڪئي. جيڪو عمل هلندڙ آهي پر اليڪشن کان خائف ۽ خوفزده قوتن ۽ ڌرين سينيٽ آف پاڪستان ۾ هي ٻيو پيرو چونڊون ملتوي ڪرڻ جو ٺهراءُ جمع ڪرايو آهي. جنهن ۾ ٽن مهينن لاءِ چونڊون ملتوي ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي. آزاد پارلياماني گروپ جي سينيٽر هدايت الله پاران سينيٽ ۾ جمع ڪرايل ٺهراءُ ۾ اميدوارن تي ٿيندڙ حملن تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو ويو آهي ته اتروزيرستان، باجوڙ، صوابي ۽ تربت ۾ دهشتگرد حملن ۽ سيڪيورٽي چئلينجن جي ڪري چونڊون ملتوي ڪيون وڃن.

اليڪشن ڪميشن طرفان چونڊون ڪرائڻ لاءِ شيڊيول موجب مشق جاري آهي پر مختلف ڌرين طرفان لڳاتار اليڪشن ملتوي ڪرائڻ لاءِ اٽڪلون استعمال ڪيون پيون وڃن. هن کان اڳ ۾ به سينيٽ ۾ ڪورم پورو نه هجڻ ۽ صرف 14 سينيٽرن جي موجودگيءَ ۾ چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو ٺهراءُ منظور ڪرايو ويو. ان ٺهراءُ دوران پيپلز پارٽي، نواز ليگ ۽ پي ٽي آءِ طرفان سهولتڪاري ڪئي وئي ۽ ان جي سينيٽرن ڪورم جي نشاندهي نه ڪري ٺهراءُ جي منظور ڪرائڻ جو اهتمام ڪيو. اهو ٺهراءُ به قبائلي علائقن جي سينيٽرن جي آزاد گروپ طرفان سينيٽر دلاور خان پيش ڪيو هو ۽ هي ٻيو پيرو آهي جو وري ساڳي ڪوشش ڪئي وئي آهي. توڙي جو سينيٽ مان منظور ٿيل ٺهراءُ آهي، قانون سازي نه آهي، ان ڪري ان جي اينتري اهميت نه آهي پر اڳتي هلي ڪي ڌريون ان ٺهراءُ کي بنياد بڻائي اليڪشن ملتوي ڪرائڻ جي هٿيار طور استعمال ڪري سگهن ٿيون. صرف اهي آزاد سينيٽرئي نه پر ملڪ ۾ مختلف سياسي ڌريون پڻ اليڪشن کان فرار چاهين ٿيون. جمعيت علماءِ اسلام جو سربراهه مولانا فضل الرحمان اليڪشن ملتوي ڪرڻ جا مطالبا ڪري چڪو آهي. مسلم ليگ (ن) اڃان تائين ڀرپور نموني سان چونڊ مهم شروع نه ڪئي آهي، جنهن مان پڻ اهو پتو پوي ٿو ته اهي ان انتظار ۾ آهن ته ڪنهن نه ڪنهن ريت چونڊون ملتوي ٿين ۽ هو چونڊ مهم واري خفي کان بچي پون. هن وقت چونڊ سرگرمين جي لاءِ جيڪڏهن ميدان ۾ آهي ته صرف پيپلز پارٽي آهي. جيڪا ننڍي پئماني تي ئي سهي، چونڊ سرگرميون شروع ڪري چڪي آهي. چونڊون ملتوي ڪرڻ لاءِ سيڪيورٽي جا معاملا ڄاڻايا پيا وڃن. جڏهن ته امن امان جون حالتون 2008ع ۾ وڌيڪ خراب هيون. محترما بينظير ڀٽو جي شهادت ٿي هئي پر ان جي باوجود به چونڊون ڪرايون ويون. دهشتگردي جا واقعا ته عام حالتن ۾ به ٿيندا رهن ٿا. ان کي جواز بڻائي جمهوري عمل تي راتاهو هڻڻ ڪنهن به ريت هن ملڪ جي مفاد ۾ نه آهي. مارچ مهيني ۾ سينيٽ آف پاڪستان جي چونڊ ٿيڻي آهي. جيڪڏهن فرض به ڪجي ته چونڊون ملتوي ٿين ٿيون ته سينيٽ جون چونڊون ٿي نه سگهنديون. مٿان وري اهو جواز هوندو ته بجيٽ پيش ڪرڻي آهي ۽ اهي معاملا جون ۾ بجيٽ پيش ٿيڻ تائين، ڇهن مهينن تائين رُلي ويندا. سپريم ڪورٽ چونڊن جي حوالي سان پنهنجي فيصلي ۾ 8 فيبروري جي چونڊن جي تاريخ کي پٿر تي ليڪ قرار ڏيئي چڪي آهي ۽ ٻئي پاسي چونڊن کي ملتوي ڪرائڻ جون ڪوششون جيڪڏهن عدالتي حڪمن جي پچڪڙي ۽ توهين ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟! نگران حڪومتون، جن جو مدو آئين موجب ٽي مهينا هوندو آهي ۽ اهي ان عرصي ۾ شفاف اليڪشن ڪرائي ختم ٿي وينديون آهن پر موجوده نگران وفاقي حڪومت به لڳ ڀڳ ڇهن مهينن جي ڄمار ماڻي چڪي آهي ۽ ڪي پي ڪي ۽ پنجاب جون نگران حڪومتون ته سال کان به وڌيڪ وقت ڪڍي ويون آهن. حيرت اها آهي ته آئين جي پچڪڙي جو تماشو آئين جي تحفظ لاءِ ذميوار ادارا به "عفو ۽ درگذر" سان ڏسي رهيا آهن.

اسان ان راءِ جا آهيون ته سسٽم کي ڪنهن به ريت پٽڙيءَ تان لهڻ کان بچائڻ لاءِ شيڊيول موجب اليڪشن ڪرائي وڃي ۽ اليڪشن ملتوي ڪرائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ٿي رهيون آهن، انهن جي عدليه طرفان رستي روڪ ٿيڻ گهرجي. نگران حڪومتن کي وڌيڪ وقت لاءِ هلائڻ ڪنهن به ريت هن ملڪ جي مفاد ۾ نه آهي. ملڪ جي اقتدار ۽ اختيار جون واڳون چونڊيل عوامي نمائندن جي هٿن ۾ هجڻ گهرجن. اهوئي هن ملڪ جي مفاد ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهي.

'سُکر' سيئي ڏينهن

حبيب ساجد

اهو سال 1984 جو هو جڏهن منهنجي انٽرميڊيٽ جي لاءِ خيرپور جي ڪنهن به ڪاليج ۾ داخلا ڪونه ٿي رهي هئي. ڊگري ڪاليج سکر وارن به جواب ڏئي ڇڏيو هو. باقي وڃي هڪڙو ئي ڪاليج بچيو هو اسلاميه ڪاليج سکر. جيڪو هڪ اهڙي ٽڪريءَ تي جوڙيل هو جتان پورو سکر، پراڻو سکر، بکر جو قلعو ۽ روهڙي فل اسڪيپ ۾ نظر ايندا آهن. هڪڙي خوابن جهڙي درسگاهه. جنهن لاءِ مشهور هو ته ان ۾ ڳوٺاڻي سنڌ جو ڪو به ڇوڪرو داخلا نه ٿو وٺي سگهي. ۽ اتي هو به ايئن ٿي، داخلا ملڻ بعد ان ڪاليج ۾ اسان سنڌتي ۽ ٻروچ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مس ٿي هئاسين. پوري ڪاليج تي مهاجر ڪلچر حاوي هو حالانڪ ان وقت ڪاليج جو پرنسپال سائين شير محمد بلوچ هو جيڪو پنهنجي ائڊمنسٽريشن ۾ هڪ اداري جي ليول وارو انسان هو اسان جا ڪلاس جيئن شروع ٿيندا هئا. ڪاليج ۾ خاموشي ڇائنجي ويندي هئي، سڀ شاگرد هڪ احترام ڪاڏڙ سانت ۾ تعليم پرائيندا هئا. اهو سکر جيڪو اسان جي سنڌين آباد ڪيو هو خاص طور تي هن شهر جي بنيادن ۾ اسان جي هندو سنڌين جا هڏڙا اڄ به پوريل آهن. جڏهن سکر جي حوالي سان ڳولها ڪجي ٿي ته خبر پوي ٿي ته اسان جو سکر قدامت جي لحاظ کان گهڻو جهونو شهر آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پاران ڇاپيل محمد صديق ميمڻ جي ڪتاب (Sukkur, Then and Now) مان خبر پوي ٿي ته جي اين مهتا 1910ع ۾ جڏهن بمبئي سرڪار پاران هتي جاچ آفيسر ٿي آيو هو ته هن سکر بابت پنهنجي رپورٽ ۾ لکيو هو ته هيءُ وسندي 375ع ڌاري هڪ مقامي هندو برهمڻ ويريام (بيرمانجي) آباد ڪئي هئي ۽ سنڌس وفات ڪانپوءِ 492ع ڌاري سنڌس پوين هن وسنديءَ کي 'شڪر' جو نالو ڏنو ڇو جو بيرمانجيءَ شڪروار يعني جمعي جي ڏينهن ديهانت ڪيو هو. شڪر لفظ اڳتي هلي بگڙجي سکر ٿيو. پران سان گڏوگڏ ٻيون به ڪي ڪمزور ۽ من گهڙت روايتون پڻ لکيون ويون آهن.

جيئن چيو ويو ته محمد بن قاسم جڏهن هن علائقي جي ويجهو پهتو ته هتان جي گرم آبهوا پسي هن کان نڪري ويو هو: "ڪاذ هذا سقر" يعني "هي ته دوزخ جهڙو هنڌ آهي" ۽ پوءِ سقر لفظ بگڙجي سکر ٿيو. پر انهيءَ روايت کي نامياري محقق رحيمداد مولائي شيدائي ڪمزور ۽ من گهڙت قرار ڏيندي لکيو آهي ته: "محمد بن قاسم لڳ ڀڳ ڇهه صديون اڳ آيو هو ۽ هو سکر نه بلڪ اروڙ ڪانپوءِ ملتان ڪاهه ڪري ويو هو پر ان جي ابتڙ هندستان جي ورهاڱي کان ڏهاڪو سال اڳ هتي آيل سکر جي هڪ اسڪول جي هڪ هندو ماستر پرسرام ويرومل سکر شهر جي مختصر تاريخ "سکر سونهارو" (Sukker the sweet) نالي سان لکي هئي، ان ۾ لکيائين ته، "محمد بن قاسم ٿڪو ماندو جڏهن هتي پهتو ته هتان جي شادابيءَ کي ڏسي خداوند ڪريم جو شڪر ادا ڪيائين ۽ سنڌس لفظ 'شڪر' بدلجي سکر ٿيو ان کان علاوه سکر ۾ ڪمند جي پوک ۽ ڳاڙهي کنڊ (شڪر) به ٺهندي هئي، جنهنڪري به شڪر لفظ ڦري سکر ٿيو هوندو. ڪي پيا وري لکن ٿا ته سکين ستابن ماڻهن جي ڪري 'سُکر' لفظ پيو. سکر بٺيو جڏهن ته المسعودي سکر کي 'شاڪرا' لکيو آهي. تاريخ طاهري ۾ 'شڪوره' ۽ چچ نامه ۾ وري 'سڪه' لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ان لفظ کي اڪثر مؤرخن گهڻي اهميت نه ڏني آهي. مولائي شيدائيءَ 'سکر' ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ جو لفظ ڄاڻايو آهي، جنهن جي معنيٰ شريف، صحتمند ۽ فارغ البال بيان ڪئي اٿائين. گهڻن اولياءِن جي موجودگيءَ سبب هن شهر کي سکر شريف به لکيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح سکر ۽ روهڙيءَ جي وچ ۾ واقع ننڍڙو ٻيٽ بکر به سکر جي اڄار جهڙوئي لڳندو آهي. چون ٿا ته سن 787ع ڌاري خليفي هارون الرشيد جي جرنيل شيخ ابو تراب اروڙ جي ويرانيءَ بعد هتي اچي سکر جو شهر آباد ڪيو هو ۽ ان جو نالو 'فرش' رکيائين تيرهين صدي عيسويءَ ۾ سيد محمد مڪيءَ جي اچڻ بعد ان جو نالو 'بکر' پيو. سومرن جي دور ۾ سنڌ اندر پهرين سهروردي صوفي خانقاه به بکر ۾ قائم ٿي. بکر جي قلعي ۾ مغل رهندا هئا. انهيءَ قلعي کي انهن وقتن ۾ مرڪزي حيثيت حاصل هئي، ڇو جو مغلن جون فوجي مهمون هتان ئي روانيون ٿينديون هيون. باقي نئين سکر جي تعميري ابتدا 1843ع ڌاري ٿي هئي، جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضي بعد سکر کي فوجي لشڪر جو هيڊ ڪوارٽر بڻايو انهيءَ کان اڳ رياست خيرپور جي ميرن جي اجازت سان هتي هڪ فوجي ڇانوڻيءَ جو قيام عمل ۾ آيو هو انگريزن جي قبضي ۾ پراڻو سکر هو نئين سکر جو بنياد بعد ۾ پيو جتي اڳ ۾ هڪ گهاٽو جهنگ هو ۽ اتي خوفناڪ جانور پڻ سرعام گهمندا رهندا هئا. انگريزن انهيءَ جهنگ کي ڪٽرائي صاف ڪيو ۽ اتي ملٽريءَ جو بيس قائم ڪيو جنهن بعد سکر جي آبادي وڌندي وئي ۽ هي شهر تعميري ترقيءَ جي رستي تي هلي پيو عاليشان محلاتون، پهاڙين تي سرڪاري دفتر ۽ رهائشگاهون تعمير ٿيون. اولڊي ۽ گولڊي سکر واسي ٻڌائيندا آهن ته 1845ع ڌاري هڪ مهلڪ بيماريءَ هتي منهن ڪڍيو جنهنڪري 500 کان وڌيڪ فوجي مري ويا. اهو ڏسي چارلس نيپئر باقي فوج کي ٻئي هنڌ منتقل ڪيو. 1842ع ڌاري اسان جو سکر شهر شڪارپور ضلعي ۾ هو ۽ 1883ع ۾ هي ضلعي هيڊ ڪوارٽر بڻيو ڪي محقق ان جو سال 1901ع پڻ لکن ٿا. جنهن بعد سکر وڌيڪ ترقي ڪئي ۽ شڪارپور جي تجارت به گهڻي ڀاڱي سکر ڏانهن شفٽ ٿي وئي. سکر جي تڏهوڪي حاڪم ميٿوصاحب شهر کي سٺي ترقي وٺرائي، سکر جي بندر تي وڻ پوکرايائين. ماڻهن کي مفت پلاٽ به ڏنائين. 1887ع ۾ ڪراچي، ڪوٽڙي، ملتان ۽ لاهور وچ ۾ ريلوي لائين وڇائي وئي ته سکر ۾ ٻين شهرن جي ماڻهن جي آمدرفت به گهڻي شروع ٿي وئي. هي شهر سنڌوءَ ڪناري هئڻ ڪري هڪ اهم بندرگاهه ليکجڻ لڳو 1924ع ۾ سکر بئراج جو ڪم شروع ٿيو جنهنڪري وسيع علائقي جو آبپاشي نظام بهتر ٿيو انهيءَ کان اڳ 1889ع ۾ لئنسڊائون پل تيار ٿي هئي ۽ ايئن سکر شهر روهڙيءَ رستي ملتان سان ريل ۽ روڊ ذريعي ڳنڍجي ويو.

شهر جي اولهه ۾ نئين وسندي آباد ٿي، جنهن کي 'بئراج ڪالوني' جو نالو ڏنو ويو روهڙيءَ ۽ سکر جي وچ ۾ لئنسڊائون پل ۽ سکر بئراج جي ڪري به هي ٻئي جاڙا شهر گهڻو مشهور آهن. اهي ٻئي پليون تعمير جا نادر نمونا ليکيا ويندا آهن. لئنسڊائون پل دنيا جي ٻيو نمبر اهڙي پل ليکي وڃي ٿي، جنهن کي متحرڪ/معلق يعني (Suspension Bridge) جيئو وڃي ٿو اها پل مضبوط گارڊرن تي بيٺل آهي. هيءَ پل سکر ۽ روهڙيءَ کي پاڻ ۾ ملائي ٿي. 1879ع کان 1889ع تائين ريلوي جا سامان ۽ مسافر مال بردار آبي جهاز انهيءَ پل ذريعي گذاريا ويندا هئا. بمبئيءَ جي گورنر مارچ 1889ع ۾ پل جي تعمير مڪمل ٿيڻ تي ان جو افتتاح ڪيو هو جنهن تي نالو به گورنر 'لارڊ لئنسڊائون' جي پنيان 'لئنسڊائون پُل' رکيل آهي. روهڙيءَ پاسي کان اها پل بنا ٿنڀن جي ٺهيل آهي. انگريز پهريون پيرو جڏهن ان تان ريل جي انجڻ کي گذارڻو هو ته ڪو به ريلوي ڊرائيور اتان گذرڻ لاءِ تيار نه هو ۽ بعد ۾ هڪ قيدي، جيڪو شيدي نسل مان هو ان حامي ڀري ۽ ڪيس انجڻ هلائڻ سکاريو ويو ۽ هن پٿرن سان ڀريل بالسٽ ٽرين انهيءَ پل تان گذاري ڏيکاري. موٽ ۾ ڪيس انعام به مليو ۽ قيد مان آزادي به ڏني وئي. انهيءَ واقعي بعد ماڻهن جو خوف ڪجهه گهٽ ٿيو ۽ سکر- روهڙيءَ وچ ۾ آمدرفت انهيءَ پل ذريعي ٿيڻ لڳي. لڳ ڀڳ سوا صدي گذرڻ باوجود لئنسڊائون پل اڄ به هڪ خوبصورت ڏيک ڏئي ٿي، اڄڪلهه ان تان بسن ۽ ٽرڪن وغيره جي گذرڻ تي پابندي مڙهيل آهي. اڄ هيءَ پل صرف عام گذرگاهه لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته 1967ع ۾ ٻئي پل جي پرسان ئي ٽوري تبديليءَ سان ريلوي ڪراسنگ لاءِ الڳ پل ٺاهي وئي، جنهن جو نالو ان دور جي آمر حڪمران ايوب خان جي نالي پٺيان 'ايوب پل' رکيو ويو لئنسڊائون پل پرسان درياهه جي ٻيٽ ۾ موجود ٽڪريءَ تي ساڌ ٻيلو آستان، ستين جو آستان، بابا ٻنکنديءَ جو مندر به ڏسڻ وٽان آهن. ساڌ ٻيلي ۾ هر سال ميلو به مچي ٿو جنهن ۾ هند سنڌ جا ياتري ڪهي اچن ٿا.

سکر جي لائيڊ بئراج دنيا جي وڏن بئراجن ۾ شمار ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته اهو بئراج به دنيا جي معيار موجب آبپاشيءَ جو هڪ وڏو نظام آهي. انهيءَ بئراج جو ڪم 1923ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1932ع ۾ پورو ٿيو بمبئيءَ جي گورنر لائيڊ جي نالي سان منسوب انهيءَ بئراج کي ميٽوڙي رنگ جي پٿر ۽ فولاد سان ٺاهيو ويو آهي. سکر بئراج جي ڊيگهه 4725 فوٽ آهي، ان جا 66 دروازا آهن. هر دروازو 22 وال ڊگهو آهي. هي سنڌوءَ جي پاڻيءَ مٿان 60 فوٽ ڊگهي SPAN تي تعمير ڪيل آهي. سکر بئراج جي تعمير بعد پاڻيءَ جي ورهاست جو نظام ۾ بهتري ۽ زرعي انقلاب آيو هن محل به ان بئراج مان سنڌ جا اڪثر ضلعا زرخيز ٿين ٿا ۽ هيءَ بئراج سيلابي وهڪرن کي پڻ برداشت ڪري ٿو. سنڌو درياءَ جو خوبصورت نظارو به سکر بئراج وٽان ڏسجي ٿو درياهه جي ڪناري 'لب مهراڻ' نالي پارڪ پڻ ٺاهيو ويو آهي. سکر جي سونهن بابت هڪ انگريز ڪئپٽن پوسٽن لکيو هو ته: "سنڌو نديءَ جي گذرگاهن ۾ شايد ئي اهڙو ڪو دلڪش هنڌ هجي، جهڙو حسين منظر سکر وٽان نظر اچي ٿو". ديوان ڏيارام گدو مل ڪجهه عرصو هتي رهيو هو ۽ سکر جي چانڊوڪي راتين کي پوري عمر نه وساري سگهيو هو. اهڙي طرح هڪ انگريز سياح سکر بابت لکيو ته: "جيڪڏهن ڪو لئنسڊائون پل تي چڙهي ڏسندو ته هڪ طرف روهڙي شهر ۽ ٻئي طرف سکر شهر، وچ تي ساڌ ٻيلو ماحول ۾ هڪ عجيب خوبصورتي نظر ايندي. اگر هي شهر يورپين وٽ هجي ها ۽ ان جي هنج ۾ درياهه وهي ها ته اتان جا ماڻهو توڙي حڪومت لکين پائونڊ خرچ ڪري ان جي خوبصورتيءَ کي وڌائين ها".

سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز وڪالت دوران گهڻو عرصو سکر ۾ گذاريو. پير علي محمد راشدي 'زميندار' اخبار ڪڍڻ وقت سکر ۾ ئي رهندو هو. ناميارو ترقي پسند اديب رشيد ڀٽي به سکر ۾ رهندو هو. سنڌس وڏن جو تعلق اروڙ سان هو. ڪامريڊ برڪت علي آزاد به گهڻو وقت سکر ۾ گذاريو. 'المنار' اخبار جي ايڊيٽر حافظ عبدالحميد ڀٽيءَ جي پريس به سکر ۾ هئي.

ثقافتي لحاظ کان سکر بئراج سنڌ لاءِ ڪجهه نقصانڪار به ثابت ٿيو خاص طور تي سنڌوءَ جا 3 قديم وهڪرا گهاڙ واهه، سنڌ واهه ۽ نارو واهه جي وڏن حصن کي داد ڪئنال، رئيس ڪئنال ۽ کير ٿر ڪئنال ۾ ضم ڪيو ويو. پير حسام الدين راشدي لکي ٿو ته، "انهيءَ زمين ۾ (1931ع) سکر بئراج مڪمل ٿي ته لاڙڪاڻي مان گهاڙ واهه بند ٿي ويو ۽ شڪارپور مان سنڌ واهه سُڪي ويو ۽ پکن تي جيڪي سوَن سالن جا وڏا وڻ وڍڪار لايو بيٺا هئا، سي ڪجهه سُڪي ۽ سڙي ويا. ڪن کي سرڪار نيلام ڪري ڇڏيو انهن ئي وڻن جي ڇانوان بي مثل ۽ انهن جي ڀاڇن جون تنوارون ٽن ڪي تازگي ڏئي ڇڏينديون هيون". لائيڊ يا سکر بئراج ملڪ جي آبپاشيءَ جو هڪ فخر ۽ آبپاشيءَ جي ئي لحاظ کان پنهنجي نوعيت جو وڏو ڪارنامو آهي. ايراضي، جيڪا هن عظيم منصوبي تحت اچي ٿي، سا لڳ ڀڳ، برطانيه جي ٽئين حصي ايراضيءَ جي برابر آهي ۽ هن منصوبي تحت ايندڙ، نون توڙي پراڻن واٽر ڪورسن جي ٽوٽل ڊيگهه سڄي دنيا کي به ڀيرا گهيري ۾ آڻي سگهي ٿي. پر اها به حقيقت آهي ته ان بئراج ٺهڻ بعد سنڌ تي ڌارين جي والار ۾ گهڻو اضافو ٿي ويو بئراجي پاڻيءَ سان آباد ٿيندڙ گهڻي ڪان گهڻي ايراضيءَ کي مقامي سنڌين کان پري رکيو ويو ۽ اپر پنجاب کان خاندانن جا خاندان شفٽ ڪري سنڌ ۾ آباد ڪيا ويا ۽ اهو سلسلو اڄ تائين رڪجي نه سگهيو آهي. ان جو ننڍڙو مثال سانگهڙ جو ضلعو آهي، جيڪو آهي ته سنڌ جو ضلعو مگر اڄ به اتي جي گهڻائي انهن ٻاهرين ڌارين جي آهي، جيڪي بئراجي دور ۾ هتي هٽ وٺي ڪري آباد ڪيا ويا هئا.

پاڀوهي هيڪار، مون کان پڇيو سڄڻين:
اَلَستُ بِرَبِّکُم، چيائون جنهن وارَ؛
سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪون نه لهي.

نيو ورلڊ ڊس آرڊر ۽ سماجي قدرن جو بگاڙ

رحمت الله ٻرڙو

دنيا جا سماج مختلف قدرن ۽ ثقافتن تي عمل ڪن ٿا ۽ اهي ڪم ڪن ٿا جيڪي انهن کي انهن جي بزرگن طرفان ڏنو ويو آهي. سوال ٿو پيدا ٿئي ته بزرگ ڇا ڏيندا آهن؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هر ملڪ، خطي ۽ قوم جون پنهنجون پنهنجون روايتون هونديون آهن. جيڪي انهن جي طرز زندگي ۽ ثقافتي ۽ مذهبي اثرات جو بنياد هونديون آهن. اڄ جي سماج مان روايتون ۽ سماجي قدرون ختم ٿي رهيون آهن!! قومي وقار ۽ مذهبي قدرن جو احساس به گهٽجي رهيو آهي. تڏهن به سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟ وڏي مشاهدي کان پوءِ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي رهي آهي ته اڄ کان پنجاهه سال اڳ تائين دنيا ۾ علائقائي قدر، ثقافتي روايتون، قومي ريتون ۽ قدرون به هيون. سماجي ۽ اخلاقي معيار به وڏي اهميت رکن پيا. مختلف رياستن ۽ سفارتي، سماجي، سياسي ۽ ثقافتي نظامن جي اهميت هئي. ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي متاسنا به اڃا تائين آهي. انهن سڀني معاملن تي علائقائي، قومي، رياستي، ثقافتي ۽ مذهبي رواداري جي بنياد تي ڪم ڪندا هئا، پر هاڻي جيڪڏهن مٿي کان هيٺ تائين ڏٺو وڃي ته نتيجو سامهون ايندو. معاملن جو فيصلو مختلف علائقائي، قومي، ثقافتي، مذهبي، سماجي ۽ معاشي اخلاقيات جي بنياد تي ڪيو ويندو هو جيڪي اڄ جي دنيا ۾ انهن اخلاقيات جا معيار اهي ناهن رهيا، جيئن ٽيڪ هئا ۽ آهن به اڃا. هاڻي جڏهن اسان عالمي تناظر ۾ پنهنجي صورتحال جو جائزو وٺون ٿا ته اسان کي اهو معلوم ٿئي ٿو ته جيئن اسان جي ساهه کڻڻ به عالمي پاليسين جو حصو آهي. آءِ ايم ايف کان وٺي ورلڊ بئنڪ تائين ۽ گڏيل قومن کان وٺي ڏکڻ ايشيا جي پاليسين جا پابند آهيون. سڄي دنيا جا معاملا نيو سوشل ڪانٽريڪٽ جي پس منظر ۾ هڪبئي سان جڙيل هئا. جن تي نيو ورلڊ آرڊر هلي رهيو هو ۽ ڪنهن حد تائين اڃا به آهن. پر گذريل ڪجهه سالن کان انفارميشن ٽيڪنالاجي کان وٺي معاشي مفادن جي جنگ سڄي دنيا ۾ هلي رهي آهي، جنهن سڄي دنيا کي عالمي پس منظر ۾ پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي!! جنهن مان لڳي ٿو ته اقوام متحده جي قراردادن کان وٺي نيو ورلڊ آرڊر جي ڪا به اهميت نه رهي آهي. مثال طور دنيا جي عالمي طاقتن پاران فلسطين تي اسرائيلي جارحيت کان وٺي يوڪرين تائين حملن ۽ افغانستان کان عراق تائين نام نهاد عالمي طاقتن جي حڪمرانن پاران بمباري ۽ ظلم سندن شرارتن ۾ ظاهر ٿيو آهي. هي نئون ورلڊ آرڊر، نيو سوشل ڪانٽريڪٽ تائين، ۽ گڏيل قومن جي پاليسين کي سبوتاز ڪيو ويو جنهن مان اهو لڳي ٿو ته هاڻي آهستي آهستي دنيا نيو ورلڊ ڊس آرڊر (New World Disorder) جو شڪار ٿي وئي آهي ۽ هاڻ ملڪ جي حڪمرانن کان وٺي سماج جا فرد پنهنجي خواهشن جي پورائيءَ لاءِ جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا يا انهن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

تن ڪي ڪنهن سماج مان، سماج،خطي، ملڪ ٽوٽي عالمي پس منظر ۾، روايتي، ثقافتي، قومي، مذهبي ۽ سفارتي قدرن جي نفي ٿيندي نظر اچي ٿي، جنهن جو سبب اهو آهي ته دنيا هاڻي نيو ورلڊ آرڊر مان نڪرندي هڪ نيو ورلڊ ڊس آرڊر ۾ تبديل ٿي رهي آهي. انسان، جيڪو انسانيت جو ڪل آهي ۽ انسان مان ئي انسانيت جو ويجهڙائي ۽ اصليت وجود ۾ اچي ٿي، سوان کي وڃائي چڪو آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اهي روايتون آهن جيڪي اسان جي سماج کان وٺي سڄي دنيا جي سماجن تائين هلي رهيون آهن جنهن کي هڪ عالمي ڳوٺ يعني گلوبل وليج جو تصور آهي، ۽ اڃا تائين ثقافت، روايت، قانون، اخلاقي ۽ انساني استحصال جي پچڪڙي کان، دنيا بدامني جو شڪار ٿي چڪي آهي. دنيا ۾ ڪنهن به قدر جو ڪو به تفاوت ناهي، جنهن لاءِ اسان اهو چئي سگهون ته دنيا هاڻي نيو ورلڊ آرڊر مان نڪري نيو ورلڊ ڊس آرڊر ۾ وڃي رهي آهي. جيستائين ڪو نيو ورلڊ آرڊر شڪل صورت نه وٺندو تيستائين دنيا قدرن کان نڪري نيو ورلڊ ڊس آرڊر جو شڪار رهندي. ان وقت تائين هي انتشار دنيا کي پريشان ڪندو رهندو ۽ دنيا ۾ اخلاقيات نالي ڪا به شيءِ ڏسڻ مشڪل ٿي ويندي. چو ته دنيا انفارميشن ٽيڪنالاجي کان انفارميشن آرٽيفيشل انٽيليجنس ڏانهن وڃي رهي آهي. پر هي نئون عالمي انتشار دنيا کي اخلاقي قدرن کان وٺي اقتداري اخلاقيات ۽ اختيار تائين ڪنهن نه ڪنهن حد تائين وٺي ويندي هڪ وڏي مصيبت کي جنم ڏيندو ان ڪري اسان جو خيال آهي ته عالمي مفڪرن کان وٺي عالمي طاقتن کي گڏجي ويهڻو پوندو ۽ مسئلا حل ڪرڻا پوندا. دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۽ ترقي پذير ملڪن کي گڏجي ويهڻو پوندو ۽ عالمي تناظر ۾ نوان ضابطا ٺاهڻا پوندا. نيو ورلڊ آرڊر تحت نئون سماجي معاهدو جيڪو پنهنجي ساک وڃائي چڪو آهي، ان کي نئين شڪل ڏيڻي پوندي. هڪ ٻئي جي سماجي، ثقافتي، اخلاقي، مذهبي، سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي اخلاقي قدرن کي قبول ڪرڻو پوندو. ترقي يافته شخص کي ترقي پذير شخص تي برتري نه هئڻ گهرجي. قانون جي حڪمراني جو هجڻ ضروري آهي، ان جي خلاف ورزي تي ضابطو آڻڻ به ضروري آهي.

بقايا 01

زور ڏنو ته بيلٽ پيپرز جي اشاعت کان پوءِ محفوظ روانگي جي ذميواري لاڳاپيل ڊي آر اوز ۽ انهن جي نامزد آفيسن تي لاڳو ٿئي ٿي. اهي بيلٽ پيپرز جي محفوظ چرپر جي نگراني ڪن ٿا ۽ مقامي پوليس اهلڪارن جي نگراني ۾ بيلٽ پيپرز جي حفاظت کي يقيني بڻائن ٿا.

بقايا 02

اميدوارن کي هزارين ماڻهن جي موجودگي ۾ حلف کڻايو پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پيرجوڳوٺ جي عوام کي خطاب ڪندي چيو آهي ته انشاءَ الله پاڪستان پيپلز پارٽي پيرجوڳوٺ کي تريگوڙ ۾ تبديل ڪندي ۽ 8 فيبروري تي عوام تير تي ٺپو هڻي پ پ جي اميدوار کي ڪامياب ڪندو. خيرپور: پاڪستان پيپلزپارٽي جي مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد شاهه عوامي ميڙ کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اها جنگ اڄ کان شروع نه ٿي هئي پر اها جنگ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شروع ڪئي هئي ۽ انشاءَ الله اها جنگ ظالمن جي خاتمي تائين جاري رهندي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته اڄوڪو اجلاس ملڪي سياست ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو اجلاس ۾ ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاني، سيد جاويد علي شاهه جيلاني، ساجد ٻنهن، منصور شاهاڻي جلسي کي جاويد ناياب لغاري، مهرين ڀٽو، سيد فضل شاهه جيلاني، منظور وسان ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 03

، مقاني چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪئي وئي هئي. ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اين اي 242 تان چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهيان. هن چيو ته صوبائي تڪ 116 ۽ 117 جي چونڊ مهم شروع ڪئي آهي. اسان چونڊن کان اڳ انهن سيٽن تي پنهنجي فتح جو جشن ملهائي رهيا آهيون. فاروق ستار چيو آهي ته اسان کي ماڻهن کي اعتماد وٺڻون آهي. ڪراچي ملڪ کي سڀ کان وڌيڪ ٽئڪس ڏئي ٿو جڏهن ته ان کي 40 ارب جي رڳو خيرات ملي ٿي، هن چيو ته اسان آئيني ترميم بل تي مسلم ليگ ن کي راضي ڪيو آهي. سمورن صوبن کي برابر حق ملڻ گهرجن. ڊاڪٽر فاروق ستار چيو ته اليڪشن کٽي ڪراچي لاءِ 400 سئو ارب روپيا ساليانو وٺنداسين.

بقايا 04

. اميدوارن کي چونڊ مهم هلائڻ لاءِ تمام گهڻن چيلنجز کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. سينيٽ سيڪريٽ ۾ جمع ڪرايل ٺهراءُ ۾ چيو ويو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي خدشن سبب اميدوارن تي دهشتگرد حملن جو امڪان آهي. صوبي جا ووٽرز ۽ اميدوار احساس محرومي جو شڪار آهن. سينيٽر بلال الرحمان چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن جي تاريخ تي مختلف مونجهارا پيش اچي رهيا آهن ان ڪري عام چونڊن کي 8 فيبروري جي بجاءِ ڪنهن ٻئي نئين تاريخ تائين ملتوي ڪيو وڃي. ياد رهي ته ان کان اڳ به چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو هڪ ٺهراءُ سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو هو جڏهن ته جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد طرفان چونڊون مقرر وقت تي ڪرائڻ جو ٺهراءُ به سينيٽ سيڪريٽريٽ ۾ جمع ڪرايو ويو آهي.

بقايا 05

20 تان شهرام ترڪئي ۽ پي ڪي 49 تان رنگريز احمد کي فاخته جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. پي ڪي 51 ۾ عبدالڪريم کي ڪتلي ۽ پي ڪي 52 مان فيصل ترڪئي کي گهڙيال جو نشان ڏنو ويو آهي. وزيرآباد مان پي ٽي آءِ اميدوار احمد چٺا کي پيالو ڏنو ويو. اين اي 38 جي اميدوار شاهد خٽڪ کي باجو ڏنو ويو پي ڪي 97 جي اميدوار خورشيد خٽڪ باجو نشان الاٽ ڪيو ويو. ملتان جي تڪ اين اي 150 تان شاهه محمود قريشي جي پٽ زين حسين قريشي کي چونڊ نشان جوتو، جڏهن ته اين اي 151 تان سنڌس ڌيءَ مهربانو قريشي کي چونڊ نشان چمٽو ڏنو ويو آهي. مظفرڳڙهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 175 تان پي ٽي آءِ جي جمشيد دستي کي هارمونيم جو نشان ڏنو ويو آهي جڏهن ته اين اي 176 تان ڪيس هوائي جهاز جو چونڊ نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. اين اي 177 تان پي ٽي آءِ جي معظم خان جتوئي کي تڪ اين اي 178 تان پي ٽي آءِ جي دائود خان جتوئي کي چين جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 132 تان پي ٽي آءِ جي محمد حسين ڏوگر کي ڪرڪيٽ اسٽمپس جو نشان ڏنو ويو آهي. پي ڪي 97 جي اميدوار خورشيد خٽڪ کي پيراشوٽر ۽ پي ڪي 98 جي اميدوار سجاد بارڪوال کي چونڊ نشان ٽرانسفارمر الاٽ ڪيو ويو. پنجاب اسيمبلي جي سيٽ پي پي 175 تان پي ٽي آءِ جي سردار راشد طفيل کي به ڪرڪيٽ اسٽمپس جو نشان ڏنو ويو آهي. اين اي 108 تان پي ٽي آءِ جي صاحبزاده محبوب سلطان ۽ جهنگ مان اين اي 109 تي پي ٽي آءِ جي شيخ وقاص اڪرم جو چونڊ نشان ڪٽ هوندو. اهڙي طرح پي ڪي 9 تان سلطان روم کي ڳاڙهي مرچ ۽ پي ڪي 10 تي محمد نعيم کي فرائي پين جو نشان ڏنو ويو آهي.

بقايا 06

تحريڪ انصاف جي وڪيلن چيو هو ته عدالتي فيصلي کان پوءِ پي ٽي آءِ جا اميدوار هاڻ آزاد اميدوار طور تي چونڊ ۾ حصو وٺندا. ان حوالي سان اڳتي حڪمت عملي تيار ڪري ورتي آهي ان لاءِ ڪابه فڪر جهڙي ڳالهه نه آهي. بيرسٽر علي ظفر چيو ته پي ٽي آءِ چونڊن ۾ زور شور سان حصو وٺندي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ به پارٽي رجسٽرڊ آهي ۽ عدالت اميدوارن کي چونڊ وڙهڻ کان نه روڪيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان تمام گهڻي مايوسي ٿي آهي. اسان کي انصاف جي اميد هئي ۽ خواهش هئي ته انصاف ٿيندي نظر اچي پر ائين نه ٿي سگهيو. هن چيو ته پي ٽي آءِ جا 10 ڪروڙ ووٽر آهن ڪنهن کي به انٽرا پارٽي چونڊن تي اعتراض نه هو البته اهڙن ماڻهن اعتراض ڪيو جن جو پي ٽي آءِ سان تعلق نه آهي. هن چيو ته جن 14 ماڻهن سپريم ڪورٽ ۾ درخواستون داخل ڪيون انهن ۾ به پي ٽي آءِ جو ڪو به ميمبر نه رهيو بيٺ رهندو نه رهندو پاڪستان جي عوام عمران خان جي نالي تي ووٽ ڏيندي. بيرسٽر علي ظفر چيو ته تحريڪ انصاف جا سمورا ميمبر آزاد حيثيت سان چونڊ وڙهندا. سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ پي ٽي آءِ سمورين سيٽن کان محروم ٿي ويندي ۽ قومي يا صوبائي اسيمبلي ۾ انهن کي ڪابه مخصوص سيٽ نه ملندي. جڏهن ته اميدوار به ڊار ڊار نشان تي آزاد حيثيت سان چونڊ وڙهندا.

بقايا 07

ذريعن موجب پاڪستان نيوي جي جهازن جي عربي سمنڊ ۾ مقرري ٽاسڪ فورس 153 سان جوڙڻ ۾ حقيقت ناهي سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته پاڪستان نيوي جي جهازن جي مقرري کي حوثين خلاف آمريڪي ڪارروائي سان جوڙڻ پروپيگنڊا آهي سيڪيورٽي ذريعن موجب آمريڪا احمر سمنڊ ۾ حوثي حملن خلاف ٽاسڪ فورس 153 ٺاهڻ جو اعلان ڪيو هو پر پاڪستان ٽاسڪ فورس 153 ۾ شامل ٿيڻ جي آمريڪي دعوت رد ڪري ڇڏي هئي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستان احمر سمنڊ ۾ ٽاسڪ فورس 153 ۽ آپريشن پراسپيرٽي گارڊين جو حصو ناهي، حوثين خلاف آمريڪي اتحادي حملن جو پاڪستان نيوي جي مقرري سان واسطو ناهي، سيڪيورٽي ذريعن موجب پاڪستان ٽاسڪ فورس 153 سميت اهڙي ڪنهن اتحاد ۾ شموليت جو ارادو نٿو رکي، جيڪو فلسطين مسئلي خلاف هجي.

بقايا 08

ڪميشن موجب سياسي جماعتن لاءِ جنرل سيٽن تي عورت اميدوارن جي 5 سيڪڙو نمائندگي لازمي هجڻ گهرجي. اليڪشن ڪميشن جو چوڻ آهي ته سياسي جماعتون 5 ڏينهن ۾ جنرل سيٽن تي مرد ۽ عورت اميدوارن جي فهرست جمع ڪرائين.

بقايا 09

ذريعن موجب سينيٽر فلڪ ناز چترالي جو نالو اسٽاپ لسٽ ۾ شامل هو جنهن جي ڪري ڪيس ايف آءِ اي اختيارين آف لوڊ ڪيو ياد رهي ته 9 مئي واقعن کان پوءِ تحريڪ انصاف جي ڪيترن ئي اڳواڻن جا نالا اسٽاپ لسٽ ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

بقايا 10

رحيم يار خان مان رئيس محبوب کي قومي ۽ سنڌس پٽ رئيس حمزه محبوب کي صوبائي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. ملتان مان اڳوڻي ايم اين اي مخدوم زين قريشي ۽ سنڌس ڀيڻ مهربانو قريشي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي. اٽڪ مان اڳوڻي ايم اين اي ميجر(ر) طاهر صادق، سنڌس ڌيءَ اڳوڻي ايم اين اي ايمان وسيم ٻنهي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. لودهران مان اڳوڻي ايم اين اي پير اقبال شاهه کي قومي ۽ ان جي پٽ ايم پي اي عامر اقبال شاهه کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. وهاڙي مان اڳوڻي ايم اين اي اورنگزيب کچي ۽ ان جي ڀاءُ اڳوڻي ايم پي اي جهانزيب کچي کي قومي ۽ صوبائي ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن. راجنپور مان اڳوڻو ايم اين اي اورنگزيب کچي ۽ ان جي ڀاءُ اڳوڻو ايم پي اي جهانزيب کچي کي قومي ۽ صوبائي جون ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن. راجنپور مان ٻن ڀائرن اڳوڻي ايم پي اي احمد علي دريشڪ ۽ عاطف علي دريشڪ کي قومي اسيمبلي جون ٽڪيٽون جاري ڪيون ويون آهن سنڌس سئوٽ اڳوڻو ايم پي اي اويس دريشڪ به صوبائي اسيمبلي جو اميدوار هوندو وهاڙي مان ٻن ڀينرن عائشه نذير جٽ ۽ عارفه نذير جٽ کي قومي ۽ صوبائي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. لاهور مان اڳوڻو ايم اين اي ڪرامت کوکر ۽ سنڌس ڀائٽيو اڳوڻو ايم اين اي ظهير عباس کوکر قومي اسيمبلي جا اميدوار هوندا. ملتان مان اڳوڻي ايم اين اي ملڪ عامر ڏوگر کي قومي ۽ ان جي ڀاءُ ملڪ عدنان ڏوگر کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي.

بقايا 11

پهچي وئي. آچر تي اين ڊي ايم اي ٽوئيٽ مطابق اردن ۾ پاڪستان جي سفير ۽ اردني چيف آف ايئر اسٽاف غزا جي متاثر ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ امدادي کيپ وصول ڪئي.

بقايا 12

تحت لڳائي، جاچ ڪئي پئي وڃي. اوٽي ٻاهران لڳل لسٽ بي بنياد آهي. پمز انتظاميا جو ان سان ڪو تعلق ناهي. ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پمز جي مطابق صحت واري وزارت فنڊن جي کوٽ اسلام آباد ۾ سڀ کان وڏي سرڪاري اسپتال پمز ۾ اوٽي بند هجڻ جون خبرون بي بنياد آهن. رڪارڊ مطابق پمز ۾ ايمرجنسي آپريشن لاءِ سپلاءِ ملي رهي آهي. پروسيجر جي ڊمانڊ مطابق سپلاءِ فراهم ڪئي وڃي. ٿي پمز لاڳاپيل ڊپارٽمينٽ کي فنڊ رليز ڪرڻ جي درخواست اماڻي ڇڏي آهي. هن چيو ته ان صورتحال جي باوجود به اوٽي کي بند ناهي ڪيو ويو.

بقايا 13

منعافو ڏيندڙ اڌامون هلائي رهيا آهيون. فواد حسين فواد چيو ته ريلوي جي نجڪاري نه ٿيندي، رياستي اجاره داري ختم ڪرڻ لاءِ ريگيوليٽري فريم ورڪ هئڻ گهرجي.

بقايا 14

مسلط ٿيڻ نه ڏينداسين. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري وڌيڪ چيو ته پاڪستان جو عوام ان شخص کي پنهنجو حقيقي نمائندو نه ٿو مڃي، جنهن کي اوهان چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو بن چيو ته اسان 8 فيبروري تي پنهنجا حق ڇني عوامي حڪومت ٺاهينداسين، پاڪستاني عوام ڪنهن جو غلام ناهي،اسلام آباد ۾ ويٺل حڪمرانن مان عوام خوش ناهي، پرڏيهي سطح تي پاڪستان خلاف سازشون ٿي رهيون آهن ، بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۾ معاشي بحران سان گڏ دهشتگردي به ڪر کڻي چڪي آهي، پي ٽي آءِ جو باب هميشه لاءِ ختم ٿي ويو هاڻي اليڪشن جي ميدان ۾ رڳو پيپلز پارٽي ۽ ن ليگ بچيون آهن. عوام کي فيصلو ڪرڻو آهي ته ڪيس نئين سياست گهرجي يا پراڻي سياست، عوام ٻڌائي ته هي ڪهڙو شينهن آهي، جيڪو پنهنجي گهر ۾ لڪيل آهي، هن چيو ته لڪي ويهي رهڻ ته بزدلن جو ڪم آهي، ڪاغذي شينهن عوام جي وچ ۾ اچڻ کان ڊڄي رهيو آهي. لاهور مان به اليڪشن وڙهي رهيو آهيان. سنڌس ئي گهر ۾ گهڙي تير سان شينهن جو شڪار ڪندس

بقايا 15

پوليس جوابدارن جو پتو لڳائي ورتو. ذريعن موجب ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ شروعاتي طور تي 4 جوابدار ملوث نڪتا، جوابدارن جو تعلق هڪ مذهبي بندش پيل تنظيم سان ٻڌايو پيو وڃي. ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ جوابدارن جي گرفتاري جو امڪان آهي. خانگي ٽي وي موجب ذريعن ٻڌايو ته پوليس کي هڪ فوٽيج جي ذريعي جوابدارن جي سڃاڻپ ممڪن ٿي، جوابدار راولپنڊي کان مولانا مسعود الرحمان جي ڪڍ لڳا هئا. 2 جوابدارن جي ذميواري تاڙ ۽ 2 جي ذميواري فائرنگ ڪرڻ هئي.

بقايا 16

هٽ ڪٽي ويا، اين اي 207 شهيد بينظير آباد جي رٽرننگ آفيسر سپهاش چندر ٻڌايو ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خلاف مضبوط حريف جي ڊي اي جو سيد زاهد حسين شاهه مقابلي تان هٽ ڪٽي ويو هن ٻڌايو ته آزاد اميدوار رياض حسين خاصخلي به نامزدگي ڪاغذ واپس وٺندي چونڊن تان هٽ ڪٽي ويو

بقايا 17

مطابق عالمي سيڙپڪاري، بينڪنگ ۽ سيڪيورٽي فرم گولڊ مين سيڪس عالمي معشيت بابت اڳڪٿي ڪئي آهي. گولڊ مين سيڪس ٻڌايو آهي ته 2075ع ۾ دنيا جون سڀ کان وڏيون معشيتون ڪهڙيون هونديون. عالمي فرم مطابق چين معشيت ۾ 57 ڪرب ڊالرز سان پهرين نمبر تي هوندو. جي ڊي پي جي لحاظ کان دنيا جي چوٽيءَ جي 10 معشيتن ۾ ڀارت 52.5 ڪرب ڊالرز سان دنيا جي ٻئي وڏي معشيت هوندو. عالمي فرم ٻڌايو آهي ته آمريڪا 51.5 ڪرب ڊالرز سان ٽين جڏهن ته انڊونيشيا چوٿين معشيت هوندو گولڊ مين سيڪس فرم مطابق پاڪستان 12.3 ڪرب ڊالرز سان دنيا جي ڇهين معشيت هوندو.

بقايا 18

2011 ڪانپوءِ کي چونڊ درست نه ٿيون. پارٽي ۾ اليڪشن بجاءِ سليڪشن ٿي، هن چيو ته هڪ پارٽي پنهنجي اندر جمهوريت پيدا نه ڪري سگهي ته ان مان جمهوريت جي ڪهڙي اميد هوندي. اليڪشن ۾ پي ٽي آءِ جي سڀني اميدوارن جي حيثيت آزاد اميدوارن جي آهي، ايندڙ 5 سالن ۾ تحريڪ انصاف مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي. سنڌس چوڻ هو ته اسان جي پارٽي نئين آهي، سڄي صوبي ۾ چونڊ مهم هلائي رهيا آهيون، سڄي صوبي ۾ تقريبن 70 ٽڪن تان اميدوارن کي بيهاري رهيا آهيون.

بقايا 19

ڪئي پئي وڃي جن حال ئي ۾ ميٽرڪ جو امتحان شاندار نمبرن سان پاس ڪيو آهي. اهي ٻار سنڌ جي پٺتي پيل علائقن ۾ غير منافعي بخش اداري گرين ڪريسنٽ ٽرسٽ (GCT) جي فلاحي اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن. جي سي ٽي پاران سنڌ ۾ اڻ پڙهيل ماڻهن جي مسئلي تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل 29 سالن ۾ 166 فلاحي اسڪول قائم ڪيا ويا آهن جتي نادار گهرن جي ٻارن جي ڪل تعداد 31799 ٻار تعليم پرائي رهيا آهي. تقريب ۾ سنڌ جي اطلاعات کاتي وارو نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه، قانون وارو صوبائي وزير بئريسٽر محمد عمر سومرو ۽ صوبائي گهرو کاتي جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ جي به شرڪت متوقع آهي. ان موقعي تي اهي مهمان ميٽرڪ جو امتحان شاندار مارڪن سان پاس ڪندڙ شاگردن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ تحفا پڻ ورهائيندا. تقريب سنڌ بوائز اسڪائوٽس ايسوسيئيشن جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي ويندي. ان موقعي تي جي سي ٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر زاهد سعيد چيو ته هي ايونٽ سنڌس فلاحي اداري سان وابسته مخير ماڻهن جي ويزن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو پٺتي پيل گهرن سان تعلق رکندڙ ذهين شاگردن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي وڃي، ته جيئن هو پنهنجو ۽ پنهنجي خاندانن جو بهتر مستقبل سنواري سگهن.

بقايا 20

گهرجي. ناصر حسين شاهه چيو ته پي ٽي آءِ کي گڏيل طور تي هڪ نشان ضرور ملڻ گهرجي ها. ناصر حسين شاهه چيو ته پي ٽي آءِ کي گڏيل طور تي هڪ نشان ضرور ملڻ گهرجي ها. پيپلز پارٽي کان تلوار جو نشان ڦرجي ويو ته اسان کي تير جو نشان وٺڻو پيو. هن چيو ته آئيني ۽ قانوني طور تي سپريم ڪورٽ جو فيصلو صحيح آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان کي سلام پيش ڪريان ٿو ڪنهن به هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي سموري ملڪ تي لاڳو نٿو ڪري سگهجي. پيپلز پارٽي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته عدالت ۾ پي ٽي آءِ وٽ دليل ۽ ثبوت نه هئا. پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊون بهتر طريقي سان ڪرائي سگهي ٿي پر ائين نه ٿي سگهيو.

بقايا 21

گهر ڪئي آهي. هن اڄ هڪ بيان ۾ چيو ته پ پ لاڳيتو 15 سال سنڌ تي حڪمراني ڪرڻ باوجود عوام کي ڪنهن به قسم جو رليف ڏيڻ بدران وسيلن جي ڦرلٽ ڪري عوام کي صاف پاڻي به ڪونه ڏئي سگهي آهي، وري ووٽ وٺڻ لاءِ عوام ڏي ويندا ته پوءِ خلق خدا پاران ڪانئس سوال پڇڻ ته ٺهي ٿو صحافي کي جواب ڏيڻ بدران گارڊن ۽ واٺن هٿان مٿس تشدد بدترين آمريت ۽ آزادي صحافت مٿان حملي برابر آهي. حڪومت واقعي جو نوٽيس وٺي ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22

تقرير ڪيان، مان ڇو ڪنهن پارٽي تي تنقيد ڪيان، پنهنجي ڪارڪردگي تي توهان کان ووٽ وٺڻ چاهيان ٿو هن چيو ته مان ننڍن اڳيان هٿ ٻڌي ٿو ويهي سگهان. منهنجو چونڊ نشان جهاز آهي ۽ 8 فيبروري تي جهاز ئي اُڏو هٿي مون کي ڪامياب ڪرايو.

بقايا 23

ت اسان جي درخواست التوي هيٺ آهي. چيو ويو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي کان پوءِ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان هاڻي اسان کي بيٽ جو نشان الاٽ ڪري ڏي.

بقايا 24

۾ وڪرو ٿيڻ لڳو. ڊيلرز جو چوڻ آهي ته اسان کي مهانگي ايل پي جي ملندي ته سستي ڪيئن وڪرو ڪنداسين. ٻئي طرف گيس صارفين ايل پي جي قيمت ۾ هٿرادو واڌ کي ناجائز قرار ڏيندي چيو آهي ته اهو سڀ ڪجهه اوگرا ۽ سرڪاري ادارن جي ملي ڀڳت سان ٿي رهيو آهي.

بقايا 25

انٽريو ۾ ڪنور دلشاد چيو ته تحريڪ انصاف مجموعي طور تي هاڻي قومي ڌارا مان ٻاهر اچي وئي آهي. پارٽي جو نالو تحريڪ انصاف ته رهندو پر قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ ان جون سيٽون آزاد اميدار جي حيثيت سان اينديون. هن چيو ته اهم ڳالهه اها آهي ته عورتن جي مخصوص سيٽون به هاڻي ختم ٿي ويون آهن. تحريڪ انصاف جا اميدوار هاڻي آزاد حيثيت ۾ اليڪشن وڙهندا. هن چيو ته مارچ ۾ سينيٽ جون 52 سيٽون خالي ٿي رهيون آهن. سينيٽ ۾ پي ٽي آءِ جو ڪوٽا 20 کان 22 سينيٽر جو هو جڏهن ته پي ٽي آءِ هاڻي ان کان ٻاهر اچي رهي آهي.

بقايا 26

صوبائي اسيمبلي جي سيٽن جي فائنل لسٽ جاري ڪئي وئي آهي. جڏهن ته رٽرننگ آفيسرن پاران فارم 33 به جاري ڪيو ويو جنهن ۾ اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا آهن. ايم ڪيو ايم پاڪستان کي لغڙ ۽ جماعت اسلامي کي ساهمي جو چونڊ نشان مليو آهي. جڏهن ته عوامي نيشنل پارٽي کي لالٽين ۽ مهاجر قومي موومينٽ کي موم بتي جو نشان مليو آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي کي تير ۽ مسلم ليگ ن کي شير ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي کي عقاب جو نشان مليو فارم 33 مطابق مرڪزي مسلم ليگ کي ڪرسي، گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) کي اسٽار جو نشان مليو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف جا اڳواڻ آزاد اميدوارن طور حصو وٺي رهيا آهن ۽ آزاد اميدوارن کي مختلف چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا آهن.

بقايا 27

مقابلي ۾ پنهنجا 2 اميدوارن ميدان ۾ لاٿا آهن جن ۾ هڪ عورت به شامل آهي. ذريعن موجب شيخ رشيد جي خلاف باقاعده اميدوار لاهڻ جي اعلان کان پوءِ لال حويلي تان عمران خان جي تصويرن سان گڏ پي ٽي آءِ جا جهنڊا به لاٿا ويا آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته شيخ رشيد جي رهائشگاهه ٻاهران ڊائڪن ۽ ڪانفرنس رومز ۾ عمران خان جي اڪيلي سر ۽ شيخ رشيد سان گڏ نڪتل ڪيترين ئي تصويرون لڳل هيون. 8 سالن کان لال حويلي ۾ موجود انهن تصويرن کي گذريل ڏينهن ڇنڇر تي هٽايو ويو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن هڪ وڊيو پيغام ۾ شيخ رشيد پنهنجي مقابلي ۾ پي ٽي آءِ اميدوار کي سامهون آڻڻ تي چيو ته مون دوستي نڀائي پر پي ٽي آءِ منهنجي خلاف لنڊن ۽ آمريڪا مان ايندڙن کي ٽڪيٽ ڏئي ڇڏيو آهي.

بقايا 28

هن وڌيڪ چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري ڪري ڇڏيو ٽڪيٽ سستي ٿي ويندي.

بقايا 29

جنوري 2024ع تي ڊيووس، سوئيزرلينڊ جو دورو ڪندو. پرڏيهي آفيس پاران جاري تفصيل مطابق نگران وزيراعظم ورلڊ اڪنامڪ فورم کي ٽريڊ ٽيڪ ٽريلين ڊالر پرامس جي عنوان تي خاص خطاب ڪندو. ان سواءِ سواءِ هو عالمي تڪرارن کان بچائڻ، بين القوامي نظام تي اعتماد جي بحالي ۽ اقتصادي مشڪلاتن کان محفظ جي حوالي سان ڪرنايل اهم تقريبن ۾ به شرڪت ڪندو. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ڪيترن ئي حڪومتن ۽ ڪاروباري اڳواڻن سان ملاقاتن کان علاوه انويسٽ ان پاڪستان جي تقريب ۾ به شرڪت ڪندو

بقايا 30

قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان نه آهي. تيل جي قيمتن ۾ لاٽ کان پوءِ پيٽرول جي قيمت 276 رپيا 21 پئسن مان گهٽجي 267 رپيا 34 پئسا في لٽر ٿي ويندي. گاسليٽ جي قيمت 188 رپيا 83 پئسا گهٽجي 185 رپيا 54 پئسا في لٽر ٿي ويندي. لائٽ ڊيزل 165 رپيا 75 پئسن مان گهٽجي 164 رپيا في لٽر ٿي ويندي.

بقايا 31

الدين جي نالي سان ٿي هئي. سندس چوڻ هو ته شهري جي اغوا ۽ قتل جي الزام ۾ ٻن پوليس اهلڪارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته انهن جي ٻين ساٿين جي ڳولا جاري آهي.

بقايا 32

موجب گذريل ڏينهن بيرسٽر گوهر جي گهر مقامي پوليس جي وڃڻ تي جاچ شروع ڪئي وئي هئي. آءِ سي سي پي او ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڪنهن به پوليس آفيسر جي ڏوهاري هجڻ تي محڪماتي ڪارروائي جو يقين ڏياريو آهي. ترجمان چيو ته مقامي پوليس هڪ مخبر جي اطلاع تي اشتهاري جي ڳولا لاءِ ايف 7 پهتي جتي خبر پئي ته اهو گهر بيرسٽر گوهر جو آهي، اها خبر پوڻ تي پوليس جي نفري واپس اچي وئي. اسلام آباد پوليس موجب بيرسٽر گوهر سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي گهر پوليس وڃڻ جي شڪايت ڪئي هئي جنهن تي چيف جسٽس پاڪستان پوليس آفيسر کي طلب ڪيو ۽ معاملي جي جاچ جو حڪم جاري ڪيو ان حوالي سان ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ڊي پي او ستي کي جاچ آفيسر مقرر ڪري تفصيلي رپورٽ 3 ڏينهن ۾ جمع ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 33

20 تان شهرام ترڪئي ۽ پي ڪي 49 تان رنگريز احمد کي فاخته جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. پي ڪي 51 ۾ عبدالڪريم کي ڪتلي ۽ پي ڪي 52 مان فيصل ترڪئي کي گهڙيال جو نشان ڏنو ويو آهي. وزيرآباد مان پي ٽي آءِ اميدوار احمد چٺا کي پيالو ڏنو ويو. اين اي 38 جي اميدوار شاهد خٽڪ کي باجو ڏنو ويو پي ڪي 97 جي اميدوار خورشيد خٽڪ باجو نشان الاٽ ڪيو ويو. ملتان جي تڪ اين اي 150 تان شاهه محمود قريشي جي پٽ زين حسين قريشي کي چونڊ نشان جوتو، جڏهن ته اين اي 151 تان سنڌس ڌيءَ مهربانو قريشي کي چونڊ نشان چمٽو ڏنو ويو آهي. مظفرڳڙهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 175 تان پي ٽي آءِ جي جمشيد دستي کي هارمونيم جو نشان ڏنو ويو آهي جڏهن ته اين اي 176 تان ڪيس هوائي جهاز جو چونڊ نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. اين اي 177 تان پي ٽي آءِ جي معظم خان جتوئي کي تڪ اين اي 178 تان پي ٽي آءِ جي دائود خان جتوئي کي چين جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. قومي اسيمبلي جي سيٽ اين اي 132 تان پي ٽي آءِ جي محمد حسين ڏوگر کي ڪرڪيٽ اسٽمپس جو نشان ڏنو ويو آهي. پي ڪي 97 جي اميدوار خورشيد خٽڪ کي پيراشوٽر ۽ پي ڪي 98 جي اميدوار سجاد بارڪوال کي چونڊ نشان ٽرانسفارمر الاٽ ڪيو ويو. پنجاب اسيمبلي جي سيٽ پي پي 175 تان پي ٽي آءِ جي سردار راشد طفيل کي به ڪرڪيٽ اسٽمپس جو نشان ڏنو ويو آهي. اين اي 108 تان پي ٽي آءِ جي صاحبزاده محبوب سلطان ۽ جهنگ مان اين اي 109 تي پي ٽي آءِ جي شيخ وقاص اڪرم جو چونڊ نشان ڪٽ هوندو. اهڙي طرح پي ڪي 9 تان سلطان روم کي ڳاڙهي مرچ ۽ پي ڪي 10 تي محمد نعيم کي فرائي پين جو نشان ڏنو ويو آهي.

بقايا 34

رحيم يار خان مان رئيس محبوب کي قومي ۽ سنڌس پٽ رئيس حمزه محبوب کي صوبائي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. ملتان مان اڳوڻي ايم اين اي مخدوم زين قريشي ۽ سنڌس ڀيڻ مهربانو قريشي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي. اٽڪ مان اڳوڻي ايم اين اي ميجر(ر) طاهر صادق، سنڌس ڌيءَ اڳوڻي ايم اين اي ايمان وسيم ٻنهي کي قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. لودهران مان اڳوڻي ايم اين اي پير اقبال شاهه کي قومي ۽ ان جي پٽ ايم پي اي عامر اقبال شاهه کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. وهاڙي مان اڳوڻي ايم اين اي اورنگزيب کچي ۽ ان جي ڀاءُ اڳوڻي ايم پي اي جهانزيب کچي کي قومي ۽ صوبائي ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن. راجنپور مان اڳوڻو ايم اين اي اورنگزيب کچي ۽ ان جي ڀاءُ اڳوڻو ايم پي اي جهانزيب کچي کي قومي ۽ صوبائي جون ٽڪيٽون ڏنيون ويون آهن. راجنپور مان ٻن ڀائرن اڳوڻي ايم پي اي احمد علي دريشڪ ۽ عاطف علي دريشڪ کي قومي اسيمبلي جون ٽڪيٽون جاري ڪيون ويون آهن سنڌس سئوٽ اڳوڻو ايم پي اي اويس دريشڪ به صوبائي اسيمبلي جو اميدوار هوندو وهاڙي مان ٻن ڀينرن عائشه نذير جٽ ۽ عارفه نذير جٽ کي قومي ۽ صوبائي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي. لاهور مان اڳوڻو ايم اين اي ڪرامت کوکر ۽ سنڌس ڀائٽيو اڳوڻو ايم اين اي ظهير عباس کوکر قومي اسيمبلي جا اميدوار هوندا. ملتان مان اڳوڻي ايم اين اي ملڪ عامر ڏوگر کي قومي ۽ ان جي ڀاءُ ملڪ عدنان ڏوگر کي صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڏني وئي آهي.

بقايا 35

ڪئي پئي وڃي جن حال ئي ۾ ميٽرڪ جو امتحان شاندار نمبرن سان پاس ڪيو آهي. اهي ٻار سنڌ جي پٺتي پيل علائقن ۾ غير منافعي بخش اداري گرين ڪريسنٽ ٽرسٽ (GCT) جي فلاحي اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن. جي سي ٽي پاران سنڌ ۾ اڻ پڙهيل ماڻهن جي مسئلي تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل 29 سالن ۾ 166 فلاحي اسڪول قائم ڪيا ويا آهن جتي نادار گهرن جي ٻارن جي ڪل تعداد 31799 ٻار تعليم پرائي رهيا آهي. تقريب ۾ سنڌ جي اطلاعات کاتي وارو نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه، قانون وارو صوبائي وزير بئريسٽر محمد عمر سومرو ۽ صوبائي گهرو کاتي جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ جي به شرڪت متوقع آهي. ان موقعي تي اهي مهمان ميٽرڪ جو امتحان شاندار مارڪن سان پاس ڪندڙ شاگردن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ۽ تحفا پڻ ورهائيندا. تقريب سنڌ بوائز اسڪائوٽس ايسوسيئيشن جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪئي ويندي. ان موقعي تي جي سي ٽي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر زاهد سعيد چيو ته هي ايونٽ سنڌس فلاحي اداري سان وابسته مخير ماڻهن جي ويزن جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو پٺتي پيل گهرن سان تعلق رکندڙ ذهين شاگردن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي وڃي، ته جيئن هو پنهنجو ۽ پنهنجي خاندانن جو بهتر مستقبل سنواري سگهن.

بقايا 36

انٽريو ۾ ڪنور دلشاد چيو ته تحريڪ انصاف مجموعي طور تي هاڻي قومي ڌارا مان ٻاهر اچي وئي آهي. پارٽي جو نالو تحريڪ انصاف ته رهندو پر قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ ان جون سيٽون آزاد اميدار جي حيثيت سان اينديون. هن چيو ته اهم ڳالهه اها آهي ته عورتن جي مخصوص سيٽون به هاڻي ختم ٿي ويون آهن. تحريڪ انصاف جا اميدوار هاڻي آزاد حيثيت ۾ اليڪشن وڙهندا. هن چيو ته مارچ ۾ سينيٽ جون 52 سيٽون خالي ٿي رهيون آهن. سينيٽ ۾ پي ٽي آءِ جو ڪوٽا 20 کان 22 سينيٽر جو هو جڏهن ته پي ٽي آءِ هاڻي ان کان ٻاهر اچي رهي آهي.

بقايا 37

سي پي او ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڪنهن به پوليس آفيسر جي ڏوهاري هجڻ تي محڪماتي ڪارروائي جو يقين ڏياريو آهي. ترجمان چيو ته مقامي پوليس هڪ مخبر جي اطلاع تي اشتهاري جي ڳولا لاءِ ايف 7 پهتي جتي خبر پئي ته اهو گهر بيرسٽر گوهر جو آهي. اها خبر پوڻ تي پوليس جي نفري واپس اچي وئي. اسلام آباد پوليس موجب بيرسٽر گوهر سپريم ڪورٽ ۾ پنهنجي گهر پوليس وڃڻ جي شڪايت ڪئي هئي جنهن تي چيف جسٽس پاڪستان پوليس آفيسر کي طلب ڪيو ۽ معاملي جي جاچ جو حڪم جاري ڪيو ان حوالي سان ڊاڪٽر اڪبر ناصر خان ڊي پي او ستي کي جاچ آفيسر مقرر ڪري تفصيلي رپورٽ 3 ڏينهن ۾ جمع ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن.

بقايا 01 سنڌيار

ظفر تگڙ، منصور ميمڻ، مولابخش مشوري، ماجد تگڙ، اسد عمراڻي ۽ ٻين چيو ته ايس ايچ او خالق شاهه شهر ۽ آس پاس ۾ چورين ۽ ڦورن ڪرائي رهيو آهي. خبرون هلائڻ تي پوليس صحافين کان انتقام پئي وٺي ڪجهه ڏينهن اڳ صحافي ماجد تگڙ تي اڪائونٽس آفيسر ميونسپل ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي جنهن ۾ هن ضمانت ورتي، صحافي ضمير لنڊ کي گرفتار ڪيو ويو ڪيبل نيٽ ورڪ جي سي اي او منصور ميمڻ جي پٽ کان موٽر سائيڪل، موبائلون ۽ 35 هزار ڦريا ويا جڏهن ته شهر نوشهرو فيروز ۾ ڪافي دڪانن جا تالا ٽوڙي چوريون ڪيون ويون آهن ۽ ايس ايس پي سهائي عزيز ناڪام ترين ثابت ٿي آهي جيڪا هڪ چورن جي ساٿاري ايس ايچ او عبدالخالق شاهه کي به هٽائي نٿي سگهي تنهنڪري اسان مجبور ٿي ڪري 25 جنوري تي ڪراچ ۾ رزراعة هاؤس آءِ جه آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

بقايا 02 سنڌيار

گهر سڙي وڃڻ بعد متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن ان سلسلي ۾ متاثرن سنڌ حڪومت، ضلعي حڪومت ۽ وس وارن کان مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 03 سنڌيار

سجاڳ فورم جي اڳواڻن، شهرين ۽ عورتن شرڪت ڪئي، بک هرتال ڪئمپ کي خطاب ڪندي اڳواڻن عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وسند ٿري، ضلعي صدر وڪيل ديوتراءِ، مرڪزي اڳواڻ ديال صحرائي، راحيل پٽي اي بي چارو، ڪلتار ميگهواڙ، ڪيشراج ڪولهي، مگهنو ڪولهي، ادي هريشان، پياسي ميگهواڙ، ڏاهو ڪولهي، منسڪ ڪولهي ۽ ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو مصطفيٰ دل، رميش ڪارونجهري ۽ ٻين چيو ته سنڌ جون زمينون هڪ وڏي سازش تحت وڪرو ڪيون پيون وڃن. ڪارپوريٽ فارمينگ جي نالي ۾ زمينون وڪڻڻ بند ڪيون وڃن. نگران حڪومت کي اهو اختيار ئي ناهي ته ڪنهن قوم جا وسيلا وڪرو ڪري جهڙا پاليسي وارا مسئلا اٿارين. اڳواڻن چيو ته هن ملڪ جي دفاعي مورچي، تاريخي، مذهبي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثن جي تذليل ڪندڙ ۽ ناٿي لاءِ وڪرو ڪندڙ ۽ تباهه ڪندڙ ملڪ دشمن آهن. ڪارونجهر هن سڄي خطي جي ماحول، پنج لک آبادي، لکين پکين، ٻوٽن ۽ ٻين جاندارن جي جياپي جو ذريعو آهي. هن جبل مان ايندڙ پاڻي سڄي پارڪر کي آباد ڪري ٿو جتان هر سال ارين رپين جو فصل ٿئي ٿو هن جبل کي ڪٽڻ وارو عمل سڄي ايڪوسسٽم جي تباهي جو سبب بڻبو انهن وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ جي سياسي اڳواڻن، باشعور ماڻهن، ساجاءِ وندن، ڪانفرنسون، سيمينار، ريليون ۽ مظاهرا ڪري، ڊرڙا هڻي، مضمون لکي، ڪتاب لکي، تحقيق ڪري هر دفعي رد ڪيو آهي. زبردستي هن جبل جي ڪٽائي ڪرڻ هن قوم ۽ وطن دشمن وارو عمل آهي. انهي ساڳي جبل کي سياحتي مرڪز بڻائي ڪروڙين روپيا سرڪار ڪمائي سگهي ٿي باقي ٿر جا ڪرسي لاءِ باڏائيندڙ وڏيرا سدائين رموٽ سسٽم تي هلندا آهن انهن جا جبل جي ڪٽائي جي حق ڏنل بيان، سڄي سنڌ جي باشعور ماڻهن پرزور رد ڪيو آهي. هر فورم تي جدوجهد ڪري رهيا آهيون. آواز اٿاري رهيا آهيون. دنيا جي سڀ کان پراڻي جبل ۽ جيالاجيڪل منفرد اهميت رکندڙ هن جبل جي ڪٽائي هن سڄي خطي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هنن چيو ته ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ جي به رکني بئنچ وزنائتو فيصلو ڏئي ڪارونجهر کي بچايو آهي. فيصلي ۾ هاءِ ڪارونجهر جبل کي مڪمل محفوظ بڻايو آهي. فيصلي ۾ عدالت لکيو هو ته هي جبل معدنيات ڪاتي جي ملڪيت ناهي ۽ نه ئي ان ڪاتي جو ڪو عملدار يه وزير ڪارونجهر کي معدنيات جي نظر سان ڏسي اُتي وڃي دورا ڪري. پر ان باوجود معدنيات جو وزير زبردستي مقامي ماڻهن کي ڌمڪائي ميڊيا جون ٽيمون وٺي مقامي ماڻهن تي ملڪ دشمني جا الزام پيو لڳائي. اڳواڻن چيو ته عدالت حڪم ۾ حڪومت کي حڪم جاري ڪيو هو ته ڪارونجهر کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري پر بجائي حڪومت ان فيصلي تي عمل ڪرائي هنن انهي عدالتي فيصلي خلاف عوامي ميڊيٽ بنا ڌهيل حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي ته ڪارونجهر ڪٽڻ جي اجازت ڏيو. هنن چيو ته سپريم ڪورٽ کي گهرجي ته هو هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکي ۽ ان ۾ ڪارونجهر کي وڌيڪ خوبصورت ڪرڻ لاءِ عالمي ثقافتي ورثي جو حصو بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته ڪارونجهر جي نيلامي، سنڌ جو زمينون ۽ وسيلا وڪڻڻ خلاف جدوجهد جاري رهندي، سڄي سنڌ ۾ اسان ريليون ڪديون آهن. اسان جو جياپو خطري ۾ آهي، جنهن کي بچائڻ لاءِ سنڌ واسي اسان جو ساٿ ڏين.

بقايا 04 سنڌيار

ڪئي گڏجاڻي ۾ مختيار علي شاهه"مختيار" سيد ثابت علي شاهه،سيد ياسين شاهه لطيفي،فقير عزيز احمد سابقي،خادم حسين لانگاهه،عبدالمجيد سولنگي،راڻو محمد اسلم ٽيپو،سيد منظور علي شاهه"منظور"،بالا بلوچ،نظير احمد ميمڻ،دين محمد سيتائي،،خالد ساحل ڪيريو،سڪندر جروار،آصف علي ڪورائي،صوفي ممتاز شيخ،مهجور غلام حيدر سولنگي،اياز علي سولنگي، ۽ سارنگ چانڊيو شرڪت ڪئي. جن مان هيلين دوستن پنهنجي شاعري پيش ڪئي مختيار علي شاهه،غزل،فقير عزيز سابقي،غزل،دين محمد سيتائي،غزل،نظير احمد ميمڻ بيت ۽ خالد ساحل ڪيريو غزل. موجود سنگت پيش ڪيل شاعريءَ تي پنهنجا پنهنجا تنقيدي ۽ تعميري رايا ڏنا. آخري صدارتي راءِ ڏيندي خادم بالادي جيو ته،سنڌي ادبي سنگت شاخ مورو جي دستوري گڏجاڻيءَ جي صدارت مون لاءِ نهايت ئي اعزاز آهي. دوستن جون نڪور تخليقون ٻڌي سنڌي شاعريءَ تي وساهه پختو ٿي ريو آهي.ادب ۽ ادبي دوستن جي تربيت لاءِ سنڌي ادبي سنگت مورو جون گڏجاڻيون تسلسل سان هلائڻ لاءِ سڀ پچ ته ساڻين مختيار علي شاهه جس لهڻي. آئون ڪيس خدمتن جي عيوض ڀيهر جس ڏيان ٿو گڏجاڻيءَ ۾ استاد سارنگ چانڊيو مسرور پنائي صاحب جو گيت ڳائي خوب داد حاصل ڪيو ۽ سائين آصف ڪورائيءَ پڻ غزل کي ترنم ۾ پيش ڪري وهوا ڪرائي ڇڏي.ان کان پوءِ سيڪريٽري مختيار علي شاهه پاران لطيف سرڪار جي بيت پڙهڻ سان گڏجاڻيءَ جي پڇاڙيءَ جو اعلان ڪندي پنهنجي طرفان هيلين دوستن کي نثري ۽ نظمي ڪتابن جا تحفا ڏيندي چيو ته رهجي ويل دوستن کي ايندڙ پندرنهن روزه گڏجاڻيءَ ۾ ڪتابن جا تحفا ڏنا ويندا.سيد منظور علي شاهه"منظور"، دين محمد سيتائي،بالا بلوچ،خالد ساحل ڪيريو،صوفي ممتاز شيخ،آصف علي ڪورائي،محمد اسلم ٽيپو ۽ خادم بالادي، شامل آهن

بقايا 05 سنڌيار

سعيد خان چانڊيو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محمد حنيف گرگيز، آفيس سيڪريٽري الياس جوڻيجو، جڏهن ته ميمبرن ۾ آسن داس ميگهواڙ، آفتاب ميمڻ، عبدالرزاق نهڙيو، مريد ساهڙ، نور محمد ڪوڪر کي چونڊيو ويو.

بقايا 06 سنڌيار

2 عورتون مقتول جي ماءُ آمنه ۽ ڀيڻ فهميد پڻ سخت زخمي ٿي پيون آهن. فوتي جو لاش ۽ ٽنهي زخمين روشن تانديو، سندس امڙ آمنه ۽ ڀيڻ فهميد کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو. اطلاع ملڻ تي حد جي پوليس جاءِ واردات تي پهچي وڌيڪ جهيڙي تي ڪنٽرول ڪري ورتو اهي بنهي ڌرين ۾ ڪشيدگي برقرار آهي. اخري اطلاعن تائين نه ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي هئي ۽ نه ڪو ڪيس وغيره داخل ٿر سگهيو آهي. جهيڙي جو ڪارڻ معلوم ٿي ناهي سگهيو ٻئي طرف ايس ايڇ او پگهاڻ ڪاشف خواجه موجب جنگيسر ۽ تانديا ۽ گجڙيا ملاح برادرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ پستل جون گولين لڳڻ ڪري رحمت الله تانديو موقعي تي قتل ٿي ريو آهي، جڏهن ته مقتول جو ڀاءُ روشن تانديو، سندس امڙ آمنه ۽ ڀيڻ فهميد زخمي ٿي پيون آهن، سمورن زخمين ۽ فوتي جو لاش سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو آهي، جتان لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويندو، جيئن مقتول ۽ زخمين جا وارث

ايندا ته ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو

بقايا 07 سنڌيار

باد ڏني ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي جي يو آءِ سنڌ جي سيڪريٽري راشد محمود سومرو چيو ته ملڪ اندر پيرا شوٽ ذريعي هڪ پارٽي کي متعارف ڪرايو ويو عوام جي راءِ نه ڪڏهن ٻڌي وئي نه عوام جي ووٽ جو حق ڪڏهن تسليم ڪيو ويو ملڪ اندر عوام جو مئنڊيٽ هميشه چورايو ويو آهي جنهن ڪري عوام جو اعتماد ملڪي نظام کان گهٽجي رهيو آهي هن چيو ته سنڌ کي موئن جو دڙو بڻائيندڙ پارٽي لاهور کي لاڙڪانو بڻائڻ چاهي ٿي 75 سالن کان جنهن پارٽي ملڪ تي حڪومت ڪندڙ پارٽي ڪرپشن کان سواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي.هن چيو ته برسات ٻوڏ ۾ ٽن صوبن کان پاڻي نيڪال ڪيو ويو پر سنڌ ۾ هڪ مهيني تائين پاڻي بيهاري سنڌ جي تباهي ڪئي وئي ورلڊ بئنڪ کان هر ضلعي لاءِ 2 ارب رپيا قرض ورتو ويو 60 ارب رپيا هڙپ ڪيا ويا جيڪو قرض سنڌ جا ماڻهو ڀري رهيا آهن.عوام سان 30 لک گهرن جو واعدو ڪيو ويو پر سنڌ جا ماڻهو اڃا تائين بي گهر آهن هميشه ڪوڙن حڪمرانن ڪوڙا واعدا ڪيا راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ جي زمين بحريا ٽائون کي هڪ سؤ رپيا اسڪوائر فوٽ ڏني وئي جنهن هڪ هزار رپيا اسڪوائر فوٽ وڪرو ڪئي.هن چيو ته سنڌ جي سوني جبل ڪارونجهر کي سنڌ سرڪار 10 تولا سون جي رقم ۾ وڪرو ڪري سنڌي قوم سان ڌوڪو ڪيو ويو.هن چيو ته اسين چونڊجي اچي غريب ۽ امير لاءِ هڪ تعليمي نظام ،هڪ صحت جو نظام جوڙي ڪرپشن ختم ڪندا سين.سنڌ جا وسيلا سنڌ تي خرچ ڪندا سين.راشد محمود سومرو چيو ته اليڪشن ڪميشن ڪٺ ڳر آهي ماڻهن کي پئسن ۽ ٽرانسفارمر ۽ گهٽين ۾ پيور بلاڪ لڳرائڻ تي خريد ڪيو پيو وڃي.هن چيو ته حساس پولنگ اسٽيشنن جي لسٽ اليڪشن ڪميشن کي ڏني آهي حساس پولنگز کي پئي محفوظ هنڌ تي منتقل ڪيو وڃي.هن چيو ته گزريل لوڪل اليڪشن ۾ شڪارپور اندر جي يو آءِ 21 يونين ڪائونسلن تي کٽيو هن چيو ته پي ٽي آءِ جو ڪوئي مستقبل ڪونهي،ملڪ دشمن پارٽي جي ملڪ اندر ڪا به جڳهه ڪونهي.ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي چيو ته آئون جي يو آءِ جي پليٽ فارم تان چونڊ وڙهي رهيو آهيان.وقت کان اڳ ۾ وڏي ڳالهه نه ڪندس مخالفن کي اليڪشن کان پوءِ خبر پوندي عوام ضرور بهتر عوامي ماڻهو جي چونڊ ڪندو.آغا تيمور پٺاڻ چيو ته شڪارپور ۾ پيور بلاڪ جي سياست ڪئي پئي وڃي.جيڪي اسڪيمون آفتاب شعبان ميراڻي ۽ اسان ڏنيو سين انهن تي امتياز شيخ پنهنجي نالي جون تختيون لڳايون.شڪارپور جي ماڻهن کي هيسايو ڌمڪايو ۽ خوف زده ڪيو پيو وڃي.هن چيو ته عام ماڻهو کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي هن چيو ته صحافين کي حقيقت لکڻ گهرجي.

بقايا 08 سنڌيار

ڪري چڙيو جڏهن ته 18 ورهين جي تاري ڪلثوم ۽ 20 ورهين جو نوجوان عرس چانگ پسند جي شادي نه ڪرائڻ سبب رڻ ۾ رسو ٻڌي خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي حدجي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي رڻ مان ٽنگيل لاش لاهي پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري چڙيا جتان ضروري قانوني ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جوڙي جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 09 سنڌيار

ملازمن احتجاج ڪندي چيو ته جهمپير ۽ جنگشاهي ۾ قائم سيني ونڊ ڪمپنين ۾ ملازمن کي ساليانو بونس ڏنو وڃي ٿو پر اسانکي ٽرائيڪوم ونڊ ڪمپني ساليانو بونس ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، جيڪا اسان سان وڏي زيادتي آهي. هنن چيو ته هڪ طرف ڪين پگهارون گهٽ ملن ٿيون جنهن مان سنڌن گهر جي چلڻ به نٿي پري مٿان وري سنڌن ساليانو بونس به بند ڪئي وڃي اهي، هنن چيو ته ڪين پنهنجا جائز حق گهرڻ توڙي احتجاج ڪرڻ تي به ڪين نوڪري مان ڪيڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ٿيون وڃن. پر سنڌن دانهون ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي. هنن ٽرائيڪوم ونڊ ڪمپني جي انتظاميه سميت سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ساڻن انصاف ڪري سنڌن پگهارون وڌائي ڪين ساليانو بونس ڏيئي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 10 سنڌيار

نامعلوم چور پيو پيرو چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب. پوليس پاران ڪاروائي نه ڪئي وئي. خيرپور ناٿن شاهه ۾ گذريل رات شهباز ڪالوني مان استاد محمد عظيم ٻگهيو جي گهر جي ڇت مٿان رکيل 2 سولر پليٽون ۽ ٻيو سامان آسانيءَ سان چور چوري ڪري ويا استاد محمد عظيم ٻگهيو جو چوڻ آهي ته 2 مهينا اڳ ۾ به منهنجي گهران چوري ٿي هئي ان جي به ڪي اين شاهه ٿاڻي تي اين سي داخل ٿيل آهي جڏهن ته مون کي آها به چوري اڃا تائين واپس نه ملي آهي نه رات وري منهنجي گهر جي ڇت مٿان نامعلوم چور 2 سولر پليٽون ۽ سامان کڻي ويا اهن ڪي اين شاهه شهرين جو سڪون تباهه ٿي ويو آهي چورين روزجو معمول بڻيل اهن. استاد محمد عظيم ٻگهيو ايس ايس پي دادو کي اپيل ڪئي آهي ته مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽ چوري رڪور ڪرائي ڏني وڃي چورن کي گرفت ۾ آڻي قانوني سخت سزا ڏني وڃي

بقايا 11 سنڌيار

منتقل، خبر موجب نئون ڪوٽ پرسان ڳوٺ قادر بخش جسڪاڻي ۾ جسڪاڻي برادري جي ججّ ۾ خوشي ۾ ڪيل هوائي فائرنگ دوران اچانڪ مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور اسلم چانڊيو سخت زخمي پيو جڏهن ته ڪار ڊرائيور سان گڏ ساٿي گاڏي ۾ سوار گهوٽ کي معمولي زخم رسيو اطلاع تي پوليس پهچي ڪار ڊرائيور کي طبعي امداد لاءِ نئون ڪوٽ صحت مرڪز آندو جتان ڊاڪٽرن گهڻي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته ججّ ۾ هوائي فائرنگ دوران مٽي ۾ گولي لڳڻ سبب ڪار ڊرائيور اسلم چانڊيو سخت زخمي ٿيو جڏهن ته ساٿي ڪار ۾ سوار گهوٽ کي معمولي زخم رسيو جڏهن ته معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪيون پيا.

بقايا 12 سنڌيار

فضل کوسو ٻي ڌر جا شاهه محمد شاهنواز کوسوشوڪت کوسو فياض کوسو محرم کوسو غلام رسول کوسو زخمي ٿي پيا جن کي مانجهند تعلقي اسپتال آندو ويوجتي مانجهند پوليس جي گهٽ نفري پهچڻ سبب ڪنٽرول نه ڪرڻ سبب هڪ دفعو ٻيهر زخمين جي حامين ۾ جهيڙو ٿي پيوجنهن سبب اسپتال عملو خوف مان اسپتال ڇڏي پڇي جان ڇڏائي پوليس ڌرين کي سول اسپتال حيدرآباد لاءِ ريفر ليٽر ڏياري زخمين کي منتقل ڪري جان ڇڏائي جڏهن ته ڪنهن کي به گرفتار نه ڪري سگهي جڏهن ته ڪيس پڻ داخل نه ٿي سگهيو هو مليل جاڻ موجب ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن جن جي ڪافي وقت کان اٽڪڻ ۽ جهيڙا هلندڙ هئا

بقايا 13 سنڌيار

خان مهر ووٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تڪ جي مختلف پولنگ اسٽيشنن جي ڳوٺن جا طوفاني دورا جاري رکندي، جتو ۾ دلبر خان مهر، ڳوٺ ۾ نور محمد جعفري، رضا محمد لهر، در محمد بروهي، صوبدار لاشاري، علي اڪبر بروهي، ٽڪا خان، گل حسن ۽ غلام محمد چڪڙو، ڳوٺ بلوچ ڳوپانگ ۾ محمد عظيم ڳوپانگ ۽ فوجي آصف، رحيم ڳوپانگ، ڳوٺ بنگلاڻي ۾ غلام ياسين بنگلاڻي جي ڪارنر گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي، بنگلاڻي برادري پاران شاندار استقبال پڻ ڪيو ۽ اليڪشن ۾ ڀرپور مدد ۽ ساٿ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. دلبر خان مهر جي جلسي ۾ پيپلز پارٽي اميدوارن امتياز احمد شيخ ۽ شهريار خان مهر جوجلسي گاهه پهچڻ تي ڏول ۽ شرڻائين سان ۽ گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال پڻ ڪيو ضلعي صدر پيپلز پارٽي مير عابد حسين خان پيوخصوصي طور شرڪت ڪئي، جلسي ۾ دلبر خان مهر، پيپلز پارٽي اميدوارن سميت آيل سيني مهمانن کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ ۽ ٽوپي جا تحفا پڻ پيش ڪيا، جلسي ۾ پيپلز پارٽي اميدوارن امتياز احمد شيخ ، شهريار خان مهر ۽ مير عابد خان پيو عوامي ميڙ کي خطاب ڪيو نواز ليگ

سنڌ جو سينيئر نائب صدر سردار ذوالفقار خان سڏايو نواز ليگ ڇڏي پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان. پيپلز پارٽي جي نامزد اميدوار پي ايس ست امتياز احمد شيخ جي ڪارنر گڏجاڻي منعقد ڪري . امتياز احمد شيخ تي اعتماد جو اظهار ڪندي، نوازليگ ڇڏي پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. پيپلز پارٽي اڳواڻ امتياز احمد شيخ، پيپلز پارٽي جو اسڪارف پارائي پليڪار ڪيو اليڪشن ۾ حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي اميدوار پي ايس 07 امتياز احمد شيخ، ڪتو برادري جي سردار ، سردار غلام علي خان ڪتو وٽ پهتا جتي سردار غلام علي خان ڪتو اليڪشن ۾ ڀرپور مدد ۽ ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو اليڪشن ورڪ جي سلسلي ۾ پيپلز پارٽي اڳواڻ فراز امتياز شيخ. پر ايس ست جي مختلف پولنگ اسٽيشنن جي ڳوٺن جا طوفاني دورا جاري رکندي، ڳوٺ غلام مصطفي ڪاڪيپوٽو ۽ ڳوٺ عرض محمد سندراڻي ۾ غلام مصطفي ڪاڪيپوٽو بيڊ ۾ سائين سرور شاهه. آصف اڻ . ڳوٺ بيڙو خان لهر ۾ بيڙو خان لهر جي اڳياڻين ۾ شرڪت ڪئي ۽ ووٽ جي اپيل ڪئي

بقايا 14 سنڌيار

مضبوط ڪري انهن کي ووٽ جي طاقت سان ڪامياب ڪري، اسان عوام سان واعدو ٿا ڪريون ته ڪين سمورين سهولتون مهيا ڪنداسين، جيڪي ڪين ڪڏهن به ملي ناهن سگهيون. رگو انهن کي انهن جا خواب ڏيکاريا ٿا وڃن. ان موقعي تي ڪيترن ئي رهواسين پاران جماعت اسلامي جي اميدوارن کي مڪمل حمايت جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا 15 سنڌيار

بلاول ڀٽو فريال ٽالپور سميت پ پ جي مرڪزي قيادت جا ٿورائتا آهيون جن نعمان اسلام شيخ کي سکر جي ٽڪ اين اي 200 تي ٽڪيٽ ڏني آهي سکر جي ليبر ڪالوني ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي زاهد شاهه بخاري جو چوڻ هو ته پ پ هميشه عوامي مفادن لاءِ ڪم ڪيو آهي 8 فيبروري پ پ جي اميدوارن جي فتح جو ڏينهن هوندو سکر جي سمورن پ پ اميدوارن سيد خورشيد احمد شاهنعمان اسلام شيخ،سيد ناصر حسين شاهسيد اويس قادرشاهه کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ پرپور چونڊ مهم هلائي ڪين اڪثريت سان ڪامياب ڪرائينداسين زاهد شاهه بخاري چيو ته پ پ ڪانسواءِ جيڪي به حڪومتون آيون انهن عوام کي مهانگائي ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڏنو پر پ پ حڪومت ملڪ مان مهانگائي جوخاتمو آندو ۽ روگار ڏنو جنهن سبب ملڪ ۾ خوشحالي آئي ۽ هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر جتني صوبن سميت مرڪز ۾ عوام جي ووٽ جي طاقت سان پ پ حڪومت ٺاهيندي ملڪ جو نئون وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو.پيپلز پارٽي جو آهي 8 فيبروري تي سکر سميت سنڌ پنجاب،بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي مان سمورا اميدوار ڪامياب ٿيندا ملڪ جو ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندوزاهدشاهه بخاري چيو ته اڳ جيڪي ماڻهون ميئر سکر تي تنقيد ڪندا هئا هاڻي سکر شهر ۾ جاري ميگا ترقياتي منصوبن کان متاثر ٿي تعريفون ڪن ٿا سکر هائوس هميشه سکر جي عوام جي خدمت ڪئي آهي جيڪا ڪنهن کان به لڪل ناهي

بقايا 16 سنڌيار

پرشوتم ڪولهي،نياز محمد رند،اياز کوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي. مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن صحافين کي ٻڌايو ته تعلقي ٽنڊو باگي جي ديه ڳرهو ۾ 500 ايڪڙ زمين تي بااثرين صوبن جا قبضو ڪندڙ علاؤ الدين، بشيران تاج الدين،الطاف حسين،فياض حسين،سليم ۽ جميل ڪوڙن ڪليمن زريعي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڳوٺ حاجي خان رند،رامجي ڪولهي ،راجو ڪولهي ،شير خان پٺاڻ،ڪيول ڪولهي،معشوق رند سميت 10 ڳوٺاڻن کي لڏائڻ لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسين سالن کان هن زمين تي ويٺل آهيون انهي مان ڪجهه زمين اسان کي 1942 ۾ انگريزن جي دور ۾ اسان کي گرانٽ ڪري ڏني وئي جنهن جا اسان وٽ ڪاغذ موجود اهن هنن مطالبو ڪيو ڪوڙا ڪليم رد ڪري مقامي ڳوٺاڻن لڏائڻ کان روڪيو وڃي ۽ زمين مقامي ڳوٺاڻن کي ڏياري وڃي

بقايا 17 سنڌيار

انصاف طرفان خليفو اشفاق ميمڻ ۽ تازو پ پ کان رستا ڌار ڪري آزاد اليڪشن ڪندڙ ڪمال خان چانگ ميدان ۾ لٿل پر ڪنهن اميدوار باظابطا اليڪشن ڪئمپينگ شروع ن ڪئي ن ئي ڪئمپون قائم ٿي سگهيون تفصيل موجب جنرل اليڪشن جي حوالي سان بدين تعلقي جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ ڪيڻ شهر ۽ پرپاسي واري يوسين ۾ ڪنهن ب سياسي پارٽي جو اميدوار ميدان ۾ ن لٿو عوام اميدوارن جي آسري ۾ ويٺل اڳوٺي ايم پي اي هيل تائين شهر ۾ ڪئمپ قائم ن ڪري سگهيو ۽ ن ئي مرزا فيملي ميدان تي نظر اچڻ لڳي بيٺل اميدوار بدين تائين محدود تازو پ پ کان ناراض ٿي آزاد اميدوار طور ميدان ۾ ايندڙ ڪمال خان چانگ ب تڪ ۾ ن لٿو ڪمال چانگ جوب پرپاسي ۾ ووٽ بئنڪ هجڻ جا چوپول جيڪڏهن ڪمال خان چانگ ميدان ۾ ڇڏيوت ان جو فائدو پ پ اميدوار کي ٿيندو ۽ تحريڪ انصاف اميدوار جو ڪيڻ ۽ پرپاسي ۾ ڪو وڏو ووٽ بئڪ ن هئڻ جو ڳالهيون گردش ڪرڻ لڳيون شهر ۾ عام چوپول آهن ت مقابلو پ پ ۽ جي ڊي اي اميدوار ۾ ٿيندو رابطو ڪرڻ تي ڪمال خان چانگ چيو بدين ۾ ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪري باقائده تڪ ۾ لهبوجڏهن ت ٻئي طرف آزاد بيٺل اميدوار سردار انوي ملاح جو برادي ووٽ ب ٻڌايو پيو وڃي جيڪو تاج محمد ملاح لاءِ ميدان ۾ ڏکيو آٿي سگهي ٿو رابطو ڪرڻ تي تاج محمد ملاح چيو اسان تڪ ۾ لهي ويا آهيون ۽ عوام موٽ ڏئي رهي آهي ۽ جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪئي ويندي جتي عوام جا ميڙا نظر ايندا

بقايا 18 سنڌيار

، ڏاپو ڀيل ، منجي ڏاتي ، ويري جي ڏاتي ، روهيڙو ، ڪونبي جي ڏاتي ، آنبي جي ڏاتي ، ملوڪ جي ڏاتي ، جي مختلف رهواسين ساهو ڀيل ، ويرو ڀيل ، رتن ڀيل ، ڪانجي ڀيل ، مهندرو ڀيل ، ڪرشن ڀيل ، جبل ڀيل ، ڏانو ڀيل ، ڪلو ڀيل ، ڪيسرو ڀيل ، الو ڀيل ، راسو ڀيل ، ملو ڀيل ۽ ٻين پنهنجن رشتيدارن سميت آزاد اميدوار وڪيل محمد ميڻن بجير جي حمايت جو اعلان ڪندي 8 فيبروري تي انتخابي نشان ٽر جي حسين ٻڪي مور تي ووٽ ڏيڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي، ان موقعي تي آزاد اميدوار وڪيل محمد ميڻن بجير آيل ڀيل برادري جي ماڻهن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته آئون ٽرجي مظلوم ۽ پيڙهيل برادرين جو نمائندو آهيان اوهان جا سور ۽ منهنجا سور ساڳيا آهن ۽ سدائين سرمائيدار ۽ وڏيرا اسان جي ووٽ تي چونڊجي اسان جي حقن تي ڏاڙو هڻندا رهيا آهن پر هن ڀيري ٽر جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي مون جهڙي مسڪين ماڻهو کي 8 فيبروري تي ٽر جي فطري سجاڳ رکندڙ منهنجي انتخابي نشان مور ٻڪي تي ٺپو هڻي ڪامياب ڪندا ۽ آئون عوام جي ووٽ جي بدلي اميدن تي پورو لهندس ان موقعي تي آزاد اميدوار وڪيل محمد ميڻن بجير سان ٽر سٽيزن فورم جي وفد اعجاز بجير ۽ جي اير بجير جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪري 18 جنوري تي "جنرل اليڪشن2024 ۽ ٽر جا مسئلا" جي عنوان سان عوامي اسيمبلي جو دعوت نامو پڻ ڏنو

بقايا 19 سنڌيار

اڪيوپمينٽ، ميڊيڪو ليگل ۽ سپورٽنگ اسٽاف، سيڪچوئل اسيسمينٽ ڪٽ ۽ ٻين معاملن بابت ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس کان رپورٽ طلب ڪئي هئي، تفصيل موجب اقوام متحده جي چارٽر موجب پاڪستان ۾ عورتن ۽ ٻارن سان جنسي ڏاڍائي وارن واقعن جي روڪٿام لاءِ اينٽي ريپ قانون جوڙي جوابدارن کي عدالتن مان قانون موجب سزا ڏيارڻ جو ايڪٽ منظور ڪري نافذ ڪيو ويو هو. جنهن ڪانپوءِ پاڪستان جي سنڌ صوبي ۾ اينٽي ريپ ڪرائيس سيل ناهيا ويا هئا، پر ڪيترن ئي عرصي کان سنڌ صوبي ۾ اينٽي ريپ ڪرائيس سيل غيرفعال بڻيل آهن. يونائيٽيڊ نيشن جي فنڊنگ سان سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوزجي نگراني ۾ جهولاءِ سنڌ صوبي ۾ اينٽي ريپ ڪرائيس سيل فعال ڪرڻ جي حڪمت عملي

جوڙي وئي. ان ڏس ۾ سيڪريٽري صحت طرفان آگسٽ 2023ع دوران ضلعي هيڊڪوارٽر سول اسپتال ۽ تعلقي اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽس کي ليٽر لکي اينٽي ريپ ڪرائيس سيل قائم ڪرڻ لاءِ موجود انفرااسٽريڪچر، آر ٽي اڪيوپمينٽ، ميڊڪو ليگل ۽ سپورٽنگ اسٽاف، سيڪچوئل اسيسمينٽ ڪٽ، بلڊنگ ڪيپيسٽي، اير ايل او يا ڊبليو اير ايل او بابت رپورٽ ڏيڻ جي سختي سان هدايت ڪئي وئي هئي،

بقايا 20 سنڌيار

اربين روپين جا ٻيلا پوٺن ۾ تبديل مختلف سچاڻ ڌرين طرفان ٻيلن جي واڍي خلاف احتجاج. سنڌ حڪومت ۽ ٻين اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو. تفصيل موجب ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلي ڪڏي، مولچند، جراڙ، فتح پور ۽ ٻين ٻيلن مان قيمتي ۽ ناياب وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل بند ٿي سگهيو، روزانو لکين روپين جو عمارتي ڪاٺ وڃي ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ڀرجي وڪرو ٿيڻ لاءِ ميرپوربٺورو، دڙو ۽ ٻين شهرن جي آرامشينن توڙي ڪاٺ جي ڊيپو تي وڃڻ لڳو. جڏهن ته سنڌ ۾ سرسبز سونهن سان مالا مال ٽنڊومحمد خان فاريسٽ ڊويزن جي ٻنون فاريسٽ رينج جي راشي عملي جي سرپرستي هيٺ ٻيلن اندر ڪاٺ ڪي وڏي ان مان ڪوئيلو تيار ڪرڻ لاءِ مختلف ٻنيون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. ڪاٺ مان تيار ڪوئيلو ٽرڪن ۽ مزدا گاڏين ۾ ڀري وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو ٻنون جي ٻيلن مان روزانو لکين روپين جي وڍيل عمارتي ڪاٺ سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالين کي ٻيلي ڪاتي جا اهلڪار مختلف شهرن مان ڪراس ڪرائين ٿا. هتان جي مختلف سياسي سماجي ۽ سچاڻ حلقن سنڌ جي نگران وڏي وزير ٻيلي ڪاتي جي اعلي اختيارين سميت ٻيلن جي جياپي لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف ادارن کان مطالبو ڪيو آهي. ته ٻنون جي ٻيلن کي تباهه ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪري ٻيلن جو وجود بچايو وڃي.

بقايا 21 سنڌيار

ان تحفظ ۽ زمين تي قبضو ختم ڪرائڻ جي گهر. گجولگ ڳوٺ آچار ملاح جي ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف گهاري ۾ مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته اسانجي زمين ديه مڙهو صوفڪو تپو گجو ۾ نظير بروهي ن سي نالي قبضا گروپ جنهن سان گڏ عيدو ملاح ۽ بيٺا گڏ آهن متاثر ڳوٺاڻن ڏاڙهون ملاح، الهورايو ملاح، سومار ملاح ۽ يامين ملاح ۽ جماعت اسلامي جي سليم آرائين، جسقم اڳواڻ اياز شاهه جيلاني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسانجي ابائي زمين تي قبضو ڪيو ويٺا آهن اسان وٽ ڪورٽ جا آرڊر پڻ آهن ۽ ايس ايس پي ٺٽو پڻ نوٽيس ورتو ۽ پوليس ڀهتي قبضي گروپن کان ڪجهه هٿيار پڻ ڪٽي وٺي پر اڄان تائين نه ڪا گرفتاري ٿي آهي ن ئي قبضو خالي ٿيو آهي پوليس جي وڃڻ کان بعد ٻيهر اسان مٿان فائرنگ ٿي رهي آهي ايس ايس پي ٺٽو کي فوري نوٽيس وٺي زمين اسان حوالي ڪرائي وڃي، ڳوٺاڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته نظير بروهي ۽ ان جا لوڪل سهولتڪار هٿي ٻين ڳوٺاڻن جي 100 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو ويٺا آهن. هنن قبضي گروپن کي ڪيرجوڻ وارو ڪونهي اسان جا ٻار ٻچا پريشان آهن. جيڪڏهن ڪورٽ جو حڪم تي به عمل نٿو ٿئي ته اسين ڪيڏانهن وڃون آخرهن ڌرتي تي اسان کي جيئڻ جو حق جو نٿو ڏنو وڃي. هنن قبضا گروپن تي ايف آئي آرداخل ڪئي وڃي جيڪڏهن ڪو جاني نقصان ٿيو ته ان جو ذميوار نظير بروهي ۽ ان جا ساٿاري هوندا هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو ڊي سي ٺٽو کي نوٽيس وٺي فوري قبضو خالي ڪرائڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا 22 سنڌيار

وٺي جنهن ۾ مختلف بيمارين جي ماهر ڊاڪٽرن آس پاس جي ڳوٺن کان آيل مريض مرد، عورتن ۽ ٻارن جي چڪاس ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن اقبال حسين جنه،حاڪم علي جسڪاڻي، تاج محمد وسان، غلام مصطفي عباسي ،مير جان بنگلاڻي،شبير احمد پٽو اعجاز ڪتيان، آفتاب احمد ڳوپانگ، تاج الدين، سهراب سومرو ۽ ٻين چيو ته هن مهانگائي جي دور ۾ غريب ماڻهو علاج ڪرائڻ کان قاصر آهي ان ڪري مڪلي گروپ طرفان مسلسل مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو سلسلو قابل ساراهه آهي جيڪو جاري رهڻ گهرجي ته جيئن اي ضرورت مند ماڻهو صحت جي مفت سهولت حاصل ڪري سگهن ٻئي طرف ڊاڪٽر ممتاز بلوچ ٻڌايو ته صاف پاڻي، صفائي نه هئڻ سبب مختلف بيماريون پيدا ٿيڻ ٿيون جن جو علاج ۽ احتياط جي سخت ضرورت آهي مڪلي سنڌ سميت بلوچستان ۾ پنهنجون سماجي خدمتون سرانجام ڏئي پئي ۽ آئنده به مسڪين ماڻهن جي علاج ۽ سهائتا لاءِ سماجي خدمتون جاري رهنديون سرندي وارن کي غريب ماڻهن جي خدمت لاءِ اڳيان اچڻ گهرجي.

بقايا 23 سنڌيار

نوٽيس ته ورنو رپورٽ موجب راڄيپور شگر مل لڳ ڳوٺ پارو خان راڄپر جو روڊ تباهي جو شڪار ڳوٺاڻن کي سفر دوران وڏي تڪليف سان منهن ڏيڻو ٿو پوي ڪيترائي ڀيرا اسڪولي شاگردن جي گاڏين سان حادثا پيش اچي چڪا آهن پر ڪنهن به چونڊيل نمائيندي نوٽيس نه ورتو ۽ ڳوٺاڻن جي ساربه نه لڌي آهي ڳوٺ جي رهواسين صداقت راڄپر، محمد حسن راڄپر ۽ ٻين ڳوٺاڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ پارو خان راڄپر قديمي ڳوٺ جيڪو راڄيپور ۽ ڪنب شهر جي وچ تي واقع آهي پر افسوس جو ڪنهن تڪ جي چونڊيل نمائندن اسان جي سار ناهي لڌي ڳوٺ ۾ صرف سياستدان تعزيتون ڪرڻ ايندا آهن باقي ترقياتي ڪم مهل ڳولهيا نٿا لڀن اسان ايندڙ اليڪشن ۾ ووٽن لاءِ ايندڙ سياستدانن اڳيا ڳوٺ جي بنيادي مسئلن جو چارٽ آف ڊماند پيش ڪنداسين ترقياتي ڪم جي يقين دهاني بعد ڪين ووٽ ڏينداسين هنن مطالبو ڪيو ته اسان جي ڳوٺ پارو خان راڄپر جا گهربل ترقياتي ڪم جلد ڪرائي ڏنا وڃن

بقايا 24 سنڌيار

بجير هائوس تي پهچي مليل انتخابي نشان مور ٻڪي ۽ آزاد حيثيت ۾ بيهڻ جي مبارڪباد ڏيندي ڪيس حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته اين اي 215 جي مختلف ڳوٺن ڪوروڙو ، هيلاريو ، ڏاپو ڀيل ، منجي ڏاتي ، ويري جي ڏاتي ، روهيڙو ، ڪونبي جي ڏاتي ، آنبي جي ڏاتي ، ملوڪ جي ڏاتي ، جي مختلف رهواسين ساهو ڀيل ، ويرو ڀيل ، رتن ڀيل ، ڪانجي ڀيل ، مهندرو ڀيل ، ڪرشن ڀيل ، جبل ڀيل ، ڏانو ڀيل ، ڪلو ڀيل ، ڪيسرو ڀيل ، الو ڀيل ، راسو ڀيل ، ملو ڀيل ۽ ٻين پنهنجن رشتيدارن سميت آزاد اميدوار وڪيل محمد ميڻن بجير جي حمايت جو اعلان ڪندي 8 فيبروري تي انتخابي نشان ٽر جي حسين ٻڪي مور تي ووٽ ڏيڻ جي يقين ڏياڻي ڪرائي، ان موقعي تي آزاد اميدوار وڪيل محمد ميڻن بجير آيل ڀيل برادري جي ماڻهن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته آئون ٽر جي مظلوم ۽ پيڙهيل برادرين جو نمائندو آهيان اوهان جا سور ساڳيا آهن ۽ سدائين سرمائيدار ۽ وڏيرا اسان جي ووٽ تي چونڊجي اسان جي حقن تي ڏاڙو هڻندا رهيا آهن پر هن ڀيري ٽر جو عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي مو

بقايا 25 سنڌيار

شهرن مان مبينه اغوا ٿيل پندرهن کان وڌيڪ ماڻهو ڌوهارين جي قيد ۾ علائقي جو عوام بدستور خوف واري زندگي گهارڻ تي مجبور ڪشمور ضلعي ۾ اغوا چوري ڏاڙن ۽ ڦرن جي وارداتن ۾ گهٽتائي نه اچي سگهي ضلعي جو عوام ڏوهارين جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل آهن ڪشمور جي ملڪ لاڙو وٽان هٿيار بند ڏوهارين هتان ڏوهارين طرفان فائرنگ ڪري مبينه اغوا ڪيل 9 ترڪ ڊرائيورن ۽ ڪلينرن هرهڪ محمد عرفان شاهد محمدالله اڪرم لياقت علي غلام قادر هاشمي خرم شهزاد شعيب ۽ لياقت علي سميت پندرهن کان وڌيڪ مغوي ڪچي جي ڏوهارين وٽ يرغمال بڻيل آهن جن جي رهائي لاءِ سندس جي وارثن کان لکين روپيه ڀنگ پڻ طلب ڪئي وئي آهي ٻئي پاسي ايس ايس پي ڪشمور بشير بروهي طرفان لاڳيتو ڪيترن ئي ڏينهن کان دراني مهر گبلو ۽ گيهلپور جي ڪچي وارن علائقن ۾ جاري آپريشن ۾ جوڪرخاطر خواه نتيجو سامهون نه اچڻ سبب ضلعي جو عوام خوف واري زندگي

گهارڻ تي مجبور ٿيل آهي ۽ ڌوهارين جي رٽ برقرار رهڻ سبب گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان محروم بڻيل آهي علائقي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن اعلا اختيارن کان هڪ ڀيرو وري مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي ۾ ڌوهارين ۽ انهنجي سهولتڪارن خلاف فوجي آپريشن ڪري عوام کي ريليف ڏنو وڃي

بقايا 26 سنڌيار

ڊي اي ارباب گروپ جي اڳواڻ حاجي زاهد نون فنڪشنل ليگ جي اڳواڻ قربان وڪيو ۽ ٻين سان گڏ اسلام ڪوٽ ۾ پريس ڪانفرنس دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته هن وقت تائين ته ضلعي انتظاميه توڙي مقامي انتظاميه نيوٽل نظر اچي پئي اسان کي ڪا به شڪايت نه آهي پر ايندڙ 20 ڏينهن انتهائي اهم آهن چاڪاڻ جو پ پ اڳواڻ ڪنهن آفيسر تي پريشر ڪنهن کي ترقي جا خواب ڪاري ونگار وٺندا آهن انهي لاءِ اسان ايس ايس پي ٿر ۽ ڊي سي ٿرپارڪر کي گذارش ٿا ڪريون ته هو انهن معاملن تي نظر رکن خاص ڪري پوليس جا معاملا سامهون ايندا آهن جيڪي اليڪشن عملي لاءِ گهربل گاڏيون هٿ ڪرڻ لاءِ صرف اسان جي حمايتن جون پڪڙيون وينديون آهن.هن چيو ته بلدياتي اليڪشن ۾ ٿرپارڪر جي عوام ته اسان کي ووٽ ڪيو پر اهو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو هن دفعي اٿين ڪرڻ نه ڏيو عوام به هاڻي سجاڳ ٿي چڪو آهي هو سمجهي ٿو ته ارباب رحيم جيڪي ٽن سالن ۾ ڪم ڪيا پ پ اهي 15 سالن ۾ نه ڪري سگهي آهي پ پ ب صرف ڪرپشن جا رڪارڊ قائم ڪيا آهن آر او پلانٽ جي نالن تي اربين روپين جي ميگا ڪرپشن ڪئي وئي. پر هڪ به آر او نه پيو هلي ساڳي طرح ٽائون ڪاميٽين جون بجيٽون به چونڊيل نمائيندن جي ذاتي ڪمن تي خرچ ڪيون ويون جيڪي اڄ ظاهر ٿي چڪيون آهن.ٿر ۾ اڄ به ماڻهو صحت تعليم ۽ پيئڻ جي پاڻي کان محروم بڻيل آهي ڪرپشن ڪري ناهيل روڊ ڪنڊر بڻجي ويا آهن.هن چيو ته مخالف اليڪشن ۾ هارائڻ جي خوف کان مختلف حربا استعمال ڪندا آهن هنن هڪ منظم سازش تحت 2013 جي اليڪشن ۾ هڪ ارباب غلام رحيم جي حوالي سان ڪوڙو پيپر چلي عوام ۾ ورهائي ٿرپارڪر ۾ هندو مسلم تضاد کي هٿي ڏيڻي اليڪشن کٽڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي،بدامني پکيڙي وئي،جنهن جي اسان ان وقت به وضاحت ڪئي ۽ اسين اڄ به ٿر ۾ هندو برداري سان گڏ بيٺل آهيون. مخالف وري به اهڙي حرڪتون ڪندا عوام باخبر رهي.هن چيو ته پيپلزپارٽي ٿر ۾ اڪثريت رکندڙ ڏاتين کي هميشه نظرانداز ڪيو انهن جي جڳهه تي پئسي وارن ماڻهن کي ترجيح ڏني آهي سنڌ ۾ اسان جي اليڪشني ويڙهه پيپلزپارٽي سان آهي. پي ٽي آئي جا اسين ماضي ۾ اتحادي رهيا آهيون.پي ٽي آءِ به پ پ مخالف آهي اسان ڪوشش ڪنداسين ته پي ٽي آءِ جي لجيت سوراٿي سان ڳالهيون ڪري ڪيس گڏ ڪيون اسان جو مقصد هڪ ئي آهي ته پ پ پ جي تبضاگيري ختم ڪريون اليڪشن ڦري ايندڙ فيئر ٿي ته ٽرجي سمورين سيٽن تي پ پ پ کي شڪست نصيب ٿيندي.

بقايا 27 سنڌيار

جي صدارت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو 18 جنوري تي نوشهروفيروز آمد رٿيل جلسي جي حوالي سان سرهل هائوس تي هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو.اجلاس ۾ 5 تعلقن جي عهديدارن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي۔ اجلاس 18 جنوري تي اعلائيل جلسي ۽ اليڪشن مهم جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيان ويا ان موقعي ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي هميشا عوامي طاقت سان اقتدار ۾ آئي آهي پنهنجي قائد پ پ چيئرمين بلاول زرداري جو 18 جنوري نوشهروفيروز آمد دوران وڏي جوش ۽ جذبي سان سندس استقبال ڪيو ويندو ۽ سندس رٿيل جلسي ۾ هر طرف عوامي سمنڊ نظر ايندو هي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جلسو هوندو هن اليڪشن ۾ مخالفن جون ضمانتون ئي رد ٿي وينديون پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي جي ڪنڊ ڪرڇ مان هزارين جي تعداد ۾ جلسي گاهه پهچي قائد چيئرمين جو تاريخي خطاب ٻڌنداسين هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته انشا الله ايندڙ اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران سنڌ سميت پوري نوشهرو فيروز ضلعي مان ڪلين سوئپ ڪندي ۽ ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو

بقايا 28 سنڌيار

هڙتاڙو بندش خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي شهر ۾ ريلي ڪڍي مين چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي سماجي توڙي شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪيي ۔ ان موقعي تي اڳواڻن ڪامريڊ نبي بخش مستوبي .عاقب چانڊيو ۽ شهباز مستوبي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سوئي گيس انتظاميا مليائي شهر توڙي پرپاسي جي سوين ڳوٺن ۾ گيس جي فراهمي مڪمل بند ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيي رهيا آهيون. سندن وڌيڪ چوڻ هو ته هڪ پاسي اسين رهواسي گيس جي بندش خلاف احتجاج ڪري رهيا آهيون ته ٻيي پاسي اسان جي ٻلن ۾ سلو ميٽر ريڊنگ جي مد ۾ ڏنڊ لڳي پيا اچن جيڪا انتظاميا جي چوري مٿان سيناٽ زوري وارو رويو آهي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته سوئي گيس ۾ مقامي ماڻهن جي نيڪالي سميت آيل واڌو بل ختم ڪري ۽ گڏ وگڏ گيس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دايرو وڌايو ويندو.

بقايا 29 سنڌيار

اليڪشن مهم هلائڻ لاءِ پهتو هالا ڪان گاڏين جي ريلي جي صورت ۾ مخدوم فخرالزمان جو ڪندواستاپ تي وڏيروالهورايو سنگراسي،ميان محمد شوروفقيرمحمدسنگراسي،محمدحسن سنگراسيءَ ۽ ٻين پاران شاندار استقبال ڪيو ويو مٿن گل نڇاور ڪري سندن آجيان ڪئي ويئي ۽ مخدوم فخرالزمان کي اجرڪن لونگين ۽ گلن جا هار پارايا ويا مخدوم فخرالزمان سان . غلام اڪبرپٽوفقيرحسين علي جعفري فقيرتاج محمد نوح پوٽوسيداميدعلي شاهه عبدالرزاق جهوڻ نورمحمد سهتو ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا 30 سنڌيار

هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ويڪسنيٽر حاڪم علي لانگاهه پنهنجي پٽن فهد علي، خالد حسين، ڀاءُ منظور علي لانگاهه ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته چار ڏينهن اڳ ڳوٺ ۾ اسان جي فوتگي ٿي هئي، جنهن سبب سمورا گهرڀاتي ڳوٺ ويا هئاسين ته پويان اسان جي غير موجودگي ۾ نامعلوم چور گهر ۾ داخل ٿي 15 تولا سونا زيور، ڏيڍ لک روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا، اهڙي واقعي جي اين سي حد جي وليد ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي، پرچار ڏينهن گذرڻ باوجود پوليس هن وقت تائين چورن خلاف ڪائي ڪاروائي ناهي ڪئي ۽ نه ئي وري چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو ويو آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ سان گڏ چوري ٿيل سونا زيور، روڪ رقم ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 31 سنڌيار

جتي علائقي واسين سندس مان ۾ ڪارنر گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ ڳوٺ ڪيڏڪر جي رهواسي معزز ٻي ٻي پي اڳواڻ علي رضا ڪلهوڙو پنهنجي برادري ۽ علائقي واسين سان گڏجي پيپلز پارٽي کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو ان موقعي تي جي ڊي اي ۾ شموليت ڪندڙ علي رضا ڪلهوڙو چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوامي خدمت ڪرڻ جا ڪوڙا واعدا ڪندي آهي. پر ان تي عمل ڪو به نه ٿيندو آهي. جنهن ڪري اسان پي پي پي کي الوداع ڪري جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيون ۽ معظم علي عباسي کي خاطري ٿا ڪرايون ته ايندڙ عام چونڊن ۾ جي ڊي اي جي سمورن اميدوارن جي حمايت ڪنداسين. ان موقعي تي جي ڊي اي اڳواڻ معظم علي عباسي پارٽي ۾ شموليت ڪندڙن کي پليڪار پڻ ڪيو

بقايا 32 سنڌيار

ي پ ب پ ڪارڪنن ۽ معززين جو اهم اجلاس ڪوٺايو ويو اجلاس ۾ مختلف ڳوٺن جي معززين ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي پ پ پ اڳواڻ حاجي ذوالفقار جلباڻي خطاب ڪندي چيو ته 18 تاريخ تي پاڪستان پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو جي ضلعي نوشهروفيروز ۾ آمد جي موقعي تي يوسي درياخان جلباڻي مان هزارين ڪارڪنن ۽ بلاول ڀٽوجا پرستار سندس ڀرپور استقبال ڪندا ۽ پي ايس 33 تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نوجوان اميدوار سيد حسن علي شاهه اين اي 205 تي سيد ابرارعلي شاهه کي 8 فيبروري تي تير تي ٺپو هڻي ڀاري اڪثريت سان ڪامياب ڪندا سين هن وڌيڪ چيو ته مخالف اميدوار هن وقت ئي پنهنجي يقيني شڪست ڏسي بوکهلاهٽ جو شڪار ٿي ويا آهن چو ته انهن وٽ عوام جي خدمت ڪرڻ جو ڪوبه پروگرام نه آهي پيپلز پارٽي هميشه غريب مسڪين ۽ پورهيتن جي ڀرپور خدمت ڪئي آهي ۽ علائقي ۾ روڊن رستن سميت مختلف ترقياتي ڪم ڪرايا آهن اجلاس کي مختلف ڳوٺن مان آيل معززين پڻ خطاب ڪندي پارٽي اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان ووٽ ذريعي ڪرائڻ جو وچن ڪيو

بقايا 33 سنڌيار

خلاف ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو. گهوٽڪي انتظاميا جي ملي ڀڳت سان يوريا ڀاڻ جو هڙتاڙو بحران پيدا ڪري 34 سئو واري يوريا ڀاڻ جي ٻوري 55 سئو ۾ ڏئي آبادگارن ۽ هارين کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن. گهوٽڪي انتظاميا ۽ ڊيلر مافيا خلاف سپريم ڪورٽ اسلام آباد ۾ ڪيس داخل ڪندا سين. اڳواڻ تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ۾ زرعي ڀاڻ جي ڪوٽ جيئن جو تيئن برقرار هاري ۽ آبادگار سخت پريشان زرعي ڀاڻ جي 34 سئو روپين واري ٻوري 55 سئو ۾ وڪرو آبادگارن جو ڪارخاني مالڪن، ڊيلرن ۽ گهوٽڪي جي انتظاميا خلاف ڊي ايڇ ڪيو پريس ڪلب ميرپورماٿيلو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن نثار نائچ، حبيب الله نائچ، احمد گورچاڻي، مير ڪُڏاڻي ۽ ٻين چيو ته ڊي سي گهوٽڪي آغا شير زمان، اي سي ميرپورماٿيلو مختيارڪار ميرپورماٿيلو زرعي ڀاڻ جي ڊيلرن ۽ فيڪٽري انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته گهوٽڪي انتظاميا جي ملي ڀڳت سان يوريا ڀاڻ جو هڙتاڙو بحران پيدا ڪري 34 سئو واري يوريا ڀاڻ جي ٻوري 55 سئو ۾ ڏئي آبادگارن ۽ هارين کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن هنن چيو ته جيڪڏهن يوريا ڀاڻ جي هڙتاڙو ڪوٽ ختم ڪري سرڪاري اگهه تي ڀاڻ نه ڏنو ويو ته اسين گهوٽڪي انتظاميا ۽ ڊيلر مافيا خلاف سپريم ڪورٽ اسلام آباد ۾ ڪيس داخل ڪندا سين..

بقايا 34 سنڌيار

ويو جنهن ۾ 30 ويل چيئر مفت ورهايون ويون. پروگرام جي معزز مهمانن ۾ امير جماعت اسلامي ضلع گهوٽڪي مفتي محمد يوسف مزاري، نائب امير جماعت اسلامي ضلع گهوٽڪي تشڪيل احمد صديقي، صدر الخدمت فائونڊيشن ضلع گهوٽڪي ساجد علي دايو پروگرام مئنيجر سڪندر علي ابڙو، درشن لال سوشل ورڪر هندو پنچائت ڌهرڪي ۽ ناراجند موجود هئا، آيل مهمانن شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ته الخدمت ڪيترن ئي سالن کان انسانيت جي خدمت ڪري رهي آهي جنهن مان هن وقت تائين هزارين مستحق ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن.

بقايا 35 سنڌيار

سجاڳ فورم جي اڳواڻن، شهرين ۽ عورتن شرڪت ڪئي، بک هرتال ڪئمپ کي خطاب ڪندي اڳواڻن عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وسند ٿري، ضلعي صدر وڪيل ديوتراءِ، مرڪزي اڳواڻ ديال صحرائي، راحيل پٽي اي بي چارو، ڪلتار ميگهواڙ، ڪيشراج ڪولهي، مگهنو ڪولهي، ادي هريشان، پياسي ميگهواڙ، ڏاهو ڪولهي، منسڪ ڪولهي ۽ ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو مصطفيٰ دل، رميش ڪارونجهري ۽ ٻين چيو ته سنڌ جون زمينون هڪ وڏي سازش تحت وڪرو ڪيون پيون وڃن. ڪارپوريٽ فارمينگ جي نالي ۾ زمينون وڪڻڻ بند ڪيون وڃن. نگران حڪومت کي اهو اختيار ئي ناهي ته ڪنهن قوم جا وسيلا وڪرو جهڙا پاليسي وارا مسئلا اٿارين. اڳواڻن چيو ته هن ملڪ جي دفاعي مورچي، تاريخي، مذهبي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثن جي تذليل ڪندڙ ۽ ناٿي لاءِ وڪرو ڪندڙ ۽ تباهه ڪندڙ ملڪ دشمن آهن. ڪارونجهر هن سڄي خطي جي ماحول، پنج لک آبادي، لکين پکين، ٻوٽن ۽ ٻين جاندارن جي جياپي جو ذريعو آهي. هن جبل مان ايندڙ پاڻي سڄي پارڪر کي آباد ڪري ٿو جتان هر سال ارين رپين جو فصل ٿئي ٿو هن جبل کي ڪٽڻ وارو عمل سڄي ايڪوسسٽم جي تباهي جو سبب بڻبو انهن وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ جي سياسي اڳواڻن، باشعور ماڻهن، ساجاءِ وندن، ڪانفرنسون، سيمينار، ريليون ۽ مظاهرا ڪري، ڊرڙا هڻي، مضمون لکي، ڪتاب لکي، تحقيق ڪري هر دفعي رد ڪيو آهي. زبردستي هن جبل جي ڪٽائي ڪرڻ هن قوم ۽ وطن دشمن وارو عمل آهي. انهي ساڳي جبل کي سياحتي مرڪز بڻائي ڪروڙين روپيا سرڪار ڪمائي سگهي ٿي باقي ٿر جا ڪرسي لاءِ باڏائيندڙ وڏيرا سدائين رموٽ سسٽم تي هلندا آهن انهن جا جبل جي ڪٽائي جي حق ڏنل بيان، سڄي سنڌ جي باشعور ماڻهن پرزور رد ڪيو آهي. هر فورم تي جدوجهد ڪري رهيا آهيون. آواز اٿاري رهيا آهيون. دنيا جي سڀ کان پراڻي جبل ۽ جيالاجيڪل منفرد اهميت رکندڙ هن جبل جي ڪٽائي هن سڄي خطي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هنن چيو ته ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ جي به رکني بئنچ وزنائتو فيصلو ڏئي ڪارونجهر کي بچايو آهي. فيصلي ۾ هاءِ ڪارونجهر جبل کي مڪمل محفوظ بڻايو آهي. فيصلي ۾ عدالت لکيو هو ته هي جبل معدنيات ڪاتي جي ملڪيت ناهي ۽ نه ئي ان ڪاتي جو ڪو عملدار يه وزير ڪارونجهر کي معدنيات جي نظر سان ڏسي اُتي وڃي دورا ڪري. پر ان باوجود معدنيات جو وزير زبردستي مقامي ماڻهن کي ڌمڪائي ميڊيا جون ٽيمون وٺي مقامي ماڻهن تي ملڪ دشمني جا الزام پيو لڳائي. اڳواڻن چيو ته عدالت حڪم ۾ حڪومت کي حڪم جاري ڪيو هو ته ڪارونجهر کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري پر بجائي حڪومت ان فيصلي تي عمل ڪرائي هنن انهي عدالتي فيصلي خلاف عوامي ميڊيٽ بنا ڌهيل حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي ته ڪارونجهر ڪٽڻ جي اجازت ڏيو. هنن چيو ته سپريم ڪورٽ کي گهرجي ته هو هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکي ۽ ان ۾ ڪارونجهر کي وڌيڪ خوبصورت ڪرڻ لاءِ عالمي ثقافتي ورثي جو حصو بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته ڪارونجهر جي نيلامي، سنڌ جو زمينون ۽ وسيلا وڪڻڻ خلاف جدوجهد جاري رهندي، سڄي سنڌ ۾ اسان ريليون ڪديون آهن. اسان جوجياپو خطري ۾ آهي، جنهن کي بچائڻ لاءِ سنڌ واسي اسان جو ساٿ ڏين.

سجاڳ فورم جي اڳواڻن، شهرين ۽ عورتن شرڪت ڪئي، بک هرتال ڪئمپ کي خطاب ڪندي اڳواڻن عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وسند ٿري، ضلعي صدر وڪيل ديوتراءِ، مرڪزي اڳواڻ ديال صحرائي، راحيل پٽي اي بي چارو، ڪلتار ميگهواڙ، ڪيشراج ڪولهي، مگهنو ڪولهي، ادي هريشان، پياسي ميگهواڙ، ڏاهو ڪولهي، منسڪ ڪولهي ۽ ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو ڪوسو مصطفيٰ دل، رميش ڪارونجهري ۽ ٻين چيو ته سنڌ جون زمينون هڪ وڏي سازش تحت وڪرو ڪيون پيون وڃن. ڪارپوريٽ فارمينگ جي نالي ۾ زمينون وڪڻڻ بند ڪيون وڃن. نگران حڪومت کي اهو اختيار ئي ناهي ته ڪنهن قوم جا وسيلا وڪرو جهڙا پاليسي وارا مسئلا اٿارين. اڳواڻن چيو ته هن ملڪ جي دفاعي مورچي، تاريخي، مذهبي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثن جي تذليل ڪندڙ ۽ ناٿي لاءِ وڪرو ڪندڙ ۽ تباهه ڪندڙ ملڪ دشمن آهن. ڪارونجهر هن سڄي خطي جي ماحول، پنج لک آبادي، لکين پکين، ٻوٽن ۽ ٻين جاندارن جي جياپي جو ذريعو آهي. هن جبل مان ايندڙ پاڻي سڄي پارڪر کي آباد ڪري ٿو جتان هر سال ارين رپين جو فصل ٿئي ٿو هن جبل کي ڪٽڻ وارو عمل سڄي ايڪوسسٽم جي تباهي جو سبب بڻبو انهن وڌيڪ چيو ته سڄي سنڌ جي سياسي اڳواڻن، باشعور ماڻهن، ساجاءِ وندن، ڪانفرنسون، سيمينار، ريليون ۽ مظاهرا ڪري، ڊرڙا هڻي، مضمون لکي، ڪتاب لکي، تحقيق ڪري هر دفعي رد ڪيو آهي. زبردستي هن جبل جي ڪٽائي ڪرڻ هن قوم ۽ وطن دشمن وارو عمل آهي. انهي ساڳي جبل کي سياحتي مرڪز بڻائي ڪروڙين روپيا سرڪار ڪمائي سگهي ٿي. باقي ٿر جا ڪرسي لاءِ باڏائيندڙ وڏيرا سدائين رموٽ سسٽم تي هلندا آهن انهن جا جبل جي ڪٽائي جي حق ڏنل بيان، سڄي سنڌ جي باشعور ماڻهن پرزور رد ڪيو آهي. هر فورم تي جدوجهد ڪري رهيا آهيون. آواز اٿاري رهيا آهيون. دنيا جي سڀ کان پراڻي جبل ۽ جيالاجيڪل منفرد اهميت رکندڙ هن جبل جي ڪٽائي هن سڄي خطي لاءِ خطرو بڻجي سگهي ٿي. هنن چيو ته ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ جي به رکني بئنچ وزنائتو فيصلو ڏئي ڪارونجهر کي بچايو آهي. فيصلي ۾ هاءِ ڪارونجهر جبل کي مڪمل محفوظ بڻايو آهي. فيصلي ۾ عدالت لکيو هو ته هي جبل معدنيات ڪاتي جي ملڪيت ناهي ۽ نه ئي ان ڪاتي جو ڪو عملدار يه وزير ڪارونجهر کي معدنيات جي نظر سان ڏسي اُتي وڃي دورا ڪري. پر ان باوجود معدنيات جو وزير زبردستي مقامي ماڻهن کي ڌمڪائي ميڊيا جون ٽيمون وٺي مقامي ماڻهن تي ملڪ دشمني جا الزام پيو لڳائي. اڳواڻن چيو ته عدالت حڪم ۾ حڪومت کي حڪم جاري ڪيو هو ته ڪارونجهر کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري پر بجائي حڪومت ان فيصلي تي عمل ڪرائي هنن انهي عدالتي فيصلي خلاف عوامي ميڊيٽ بنا ڌهيل حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي ته ڪارونجهر ڪٽڻ جي اجازت ڏيو. هنن چيو ته سپريم ڪورٽ کي گهرجي ته هو هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي برقرار رکي ۽ ان ۾ ڪارونجهر کي وڌيڪ خوبصورت ڪرڻ لاءِ عالمي ثقافتي ورثي جو حصو بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته ڪارونجهر جي نيلامي، سنڌ جو زمينون ۽ وسيلا وڪڻڻ خلاف جدوجهد جاري رهندي، سڄي سنڌ ۾ اسان ريليون ڪديون آهن. اسان جوجياپو خطري ۾ آهي، جنهن کي بچائڻ لاءِ سنڌ واسي اسان جو ساٿ ڏين

بقايا 36 سنڌيار

انصاف طرفان خليفو اشفاق ميمڻ ۽ تازو پ پ کان رستا ڌار ڪري آزاد اليڪشن ڪندڙ ڪمال خان چانگ ميدان ۾ لٿل پر ڪنهن اميدوار باظابطا اليڪشن ڪئمپينگ شروع ن ڪئي ن ئي ڪئمپون قائم ٿي سگهيون تفصيل موجب جنرل اليڪشن جي حوالي سان بدين تعلقي جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ ڪيڻ شهر ۽ پرپاسي واري يوسين ۾ ڪنهن ب سياسي پارٽي جو اميدوار ميدان ۾ ن لٿو عوام اميدوارن جي آسري ۾ ويٺل اڳوٺي ايم پي اي هيل تائين شهر ۾ ڪئمپ قائم ن ڪري سگهيو ۽ ن ئي مرزا فيملي ميدان تي نظر اچڻ لڳي بيٺل اميدوار بدين تائين محدود تازو پ پ کان ناراض ٿي آزاد اميدوار طور ميدان ۾ ايندڙ ڪمال خان چانگ ب تڪ ۾ ن لٿو ڪمال چانگ جوب پرپاسي ۾ ووٽ بئنڪ هجڻ جا چوپول جيڪڏهن ڪمال خان چانگ ميدان ۾ ڇڏيوت ان جو فائدو پ پ اميدوار کي ٿيندو ۽ تحريڪ انصاف اميدوار جو ڪيڻ ۽ پرپاسي ۾ ڪو وڏو ووٽ بئڪ ن هئڻ جو ڳالهيون گردش ڪرڻ لڳيون شهر ۾ عام چوپول آهن ت مقابلو پ پ ۽ جي ڊي اي اميدوار ۾ ٿيندو رابطو ڪرڻ تي ڪمال خان چانگ چيو بدين ۾ ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪري باقائده تڪ ۾ لهبوجڏهن ت ٻئي طرف آزاد بيٺل اميدوار سردار انوي ملاح جو برادي ووٽ ب ٻڌايو پيو وڃي جيڪو تاج محمد ملاح لاءِ ميدان ۾ ڏکيو آٿي سگهي ٿو رابطو ڪرڻ تي تاج محمد ملاح چيو اسان تڪ ۾ لهي ويا آهيون ۽ عوام موٽ ڏئي رهي آهي ۽ جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪئي ويندي جتي عوام جا ميڙا نظر ايندا

انصاف طرفان خليفو اشفاق ميمڻ ۽ تازو پ پ کان رستا ڌار ڪري آزاد اليڪشن ڪندڙ ڪمال خان چانگ ميدان ۾ لٿل پر ڪنهن اميدوار باظابطا اليڪشن ڪئمپينگ شروع ن ڪئي ن ئي ڪئمپون قائم ٿي سگهيون تفصيل موجب جنرل اليڪشن جي حوالي سان بدين تعلقي جي سڀ کان وڏي آبادي رکندڙ ڪيڻ شهر ۽ پرپاسي واري يوسين ۾ ڪنهن ب سياسي پارٽي جو اميدوار ميدان ۾ ن لٿو عوام اميدوارن جي آسري ۾ ويٺل اڳوٺي ايم پي اي هيل تائين شهر ۾ ڪئمپ قائم ن ڪري سگهيو ۽ ن ئي مرزا فيملي ميدان تي نظر اچڻ لڳي بيٺل اميدوار بدين تائين محدود تازو پ پ کان ناراض ٿي آزاد اميدوار طور ميدان ۾ ايندڙ ڪمال خان چانگ ب تڪ ۾ ن لٿو ڪمال چانگ جوب پرپاسي ۾ ووٽ بئنڪ هجڻ جا چوپول جيڪڏهن ڪمال خان چانگ ميدان ۾ ڇڏيوت ان جو فائدو پ پ اميدوار کي ٿيندو ۽ تحريڪ انصاف اميدوار جو ڪيڻ ۽ پرپاسي ۾ ڪو وڏو ووٽ بئڪ ن هئڻ جو ڳالهيون گردش ڪرڻ لڳيون شهر ۾ عام چوپول آهن ت مقابلو پ پ ۽ جي ڊي اي اميدوار ۾ ٿيندو رابطو ڪرڻ تي ڪمال خان چانگ چيو بدين ۾ ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي آهي جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪري باقائده تڪ ۾ لهبوجڏهن ت ٻئي طرف آزاد بيٺل اميدوار سردار انوي ملاح جو برادي ووٽ ب ٻڌايو پيو وڃي جيڪو تاج محمد ملاح لاءِ ميدان ۾ ڏکيو آٿي سگهي ٿو رابطو ڪرڻ تي تاج محمد ملاح چيو اسان تڪ ۾ لهي ويا آهيون ۽ عوام موٽ ڏئي رهي آهي ۽ جلد ڪيڻ ۾ ڪئمپ قائم ڪئي ويندي جتي عوام جا ميڙا نظر ايندا

بقايا 37 سنڌيار

اربين روپين جا ٻيلا پوٺن ۾ تبديل مختلف سچاڻ ڌرين طرفان ٻيلن جي واڍي خلاف احتجاج. سنڌ حڪومت ۽ ٻين اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو. تفصيل موجب ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلي ڪڏي، مولچند، جراڙ، فتح پور ۽ ٻين ٻيلن مان قيمتي ۽ ناياب وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل بند ٿي سگهيو، روزانو لکين روپين جو عمارتي ڪاٺ وڃي ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ڀرجي وڪرو ٿيڻ لاءِ ميرپوربٺورو، دڙو ۽ ٻين شهرن جي آرامشينن توڙي ڪاٺ جي ڊيپو تي وڃڻ لڳو. جڏهن ته سنڌ ۾ سرسبز سونهن سان مالا مال ٽنڊومحمد خان فاريسٽ ڊويزن جي ٻنون فاريسٽ رينج جي راشي عملي جي سرپرستي هيٺ ٻيلن اندر ڪاٺ ڪي وڏي ان مان ڪوئيلو تيار ڪرڻ لاءِ مختلف ٻنيون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. ڪاٺ مان تيار ڪوئيلو ٽرڪن ۽ مزدا گاڏين ۾ ڀري وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو ٻنون جي ٻيلن مان روزانو لکين روپين جي وڍيل عمارتي ڪاٺ سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالين کي ٻيلي ڪاتي جا اهلڪار مختلف شهرن مان ڪراس ڪرائين ٿا. هتان جي مختلف سياسي سماجي ۽ سچاڻ حلقن سنڌ جي نگران وڏي وزير ٻيلي ڪاتي جي اعلي اختيارين سميت ٻيلن جي جياپي لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف ادارن کان مطالبو ڪيو آهي. ته ٻنون جي ٻيلن کي تباهه ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪري ٻيلن جو وجود بچايو وڃي.

اربين روپين جا ٻيلا پوٺن ۾ تبديل مختلف سچاڻ ڌرين طرفان ٻيلن جي واڍي خلاف احتجاج. سنڌ حڪومت ۽ ٻين اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو. تفصيل موجب ٻنون فاريسٽ رينج جي ٻيلي ڪڏي، مولچند، جراڙ، فتح پور ۽ ٻين ٻيلن مان قيمتي ۽ ناياب وڻن جي نسل ڪشي وارو عمل بند ٿي سگهيو، روزانو لکين روپين جو عمارتي ڪاٺ وڃي ٽريڪٽر ٽرالين ۾ ڀرجي وڪرو ٿيڻ لاءِ ميرپوربٺورو، دڙو ۽ ٻين شهرن جي آرامشينن توڙي ڪاٺ جي ڊيپو تي وڃڻ لڳو. جڏهن ته سنڌ ۾ سرسبز سونهن سان مالا مال ٽنڊومحمد خان فاريسٽ ڊويزن جي ٻنون فاريسٽ رينج جي راشي عملي جي سرپرستي هيٺ ٻيلن اندر ڪاٺ ڪي وڏي ان مان ڪوئيلو تيار ڪرڻ لاءِ مختلف ٻنيون پڻ قائم ڪيون ويون آهن. ڪاٺ مان تيار ڪوئيلو ٽرڪن ۽ مزدا گاڏين ۾ ڀري وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو ٻنون جي ٻيلن مان روزانو لکين روپين جي وڍيل عمارتي ڪاٺ سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالين کي ٻيلي ڪاتي جا اهلڪار مختلف شهرن مان ڪراس ڪرائين ٿا. هتان جي مختلف سياسي سماجي ۽ سچاڻ حلقن سنڌ جي نگران وڏي وزير ٻيلي ڪاتي جي اعلي اختيارين سميت ٻيلن جي جياپي لاءِ ڪم ڪندڙ مختلف ادارن کان مطالبو ڪيو آهي. ته ٻنون جي ٻيلن کي تباهه ڪندڙ ماڻهن خلاف سخت ڪارروائي ڪري ٻيلن جو وجود بچايو وڃي.

بقايا 38 سنڌيار

جي صدارت ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو 18 جنوري تي نوشهرو فيرز آمد رٿيل جلسي جي حوالي سان سرهل هائوس تي هڪ اهم اجلاس ٿي گذريو.اجلاس ۾ 5 تعلقن جي عهديدارن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي۔ اجلاس 18 جنوري تي اعلائيل جلسي ۽ اليڪشن مهم جي حوالي سان اهم فيصلا ڪيان ويا ان موقعي ڊاڪٽر فاطمه شهناز انصاري اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي هميشا عوامي طاقت سان اقتدار ۾ آئي آهي پنهنجي قائد پ پ چيئرمين بلاول زرداري جو 18 جنوري نوشهروفيروز آمد دوران وڏي جوش ۽ جذبي سان سندس استقبال ڪيو ويندو ۽ سندس رٿيل جلسي ۾ هر طرف عوامي سمنڊ نظر ايندو هي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو جلسو هوندو هن اليڪشن ۾ مخالفن جون ضمانتون ئي رد ٿي وينديون پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ ضلعي جي ڪنڊ ڪرڇ مان هزارين جي تعداد ۾ جلسي گاهه پهچي قائد چيئرمين جو تاريخي خطاب ٻڌنداسين هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته انشا الله ايندڙ اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران سنڌ سميت پوري نوشهرو فيروز ضلعي مان ڪلين سوئپ ڪندي ۽ ايندڙ وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي — ايڊيٽر اعجاز مهر — Reg No 2677 — ABC Certified — Daily SINDHYAR Karachi — NTN 4129440-8 — www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com